# سچ ته بيٺو نچ



ڊاڪٽر نور مصطفيٰ شيخ

# سچ تہ

# بیتونچ

ليکک:
داکتر نور مصطفي شيخ

مرتب جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | سچ ته بيٺو نچ |
| ليکڪ | : | ڊاڪٽر نور مصطفيٰ شيخ |
| تعداد | : | 1000 |
| دفعو | : | پهريون |
| سال | : | 2017ع |
| قيمت | : | 160 روپيه |
| ڪمپوزنگ | : | فهيم ميمڻ |
| لي آئوٽ | : | عظيم ڪنير |
| ڇپيندڙ | : | پنهور پرنٽرس 03003058057 |
| پاران | | ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

# سپج تہ بیتونپج

ليكك: ڊاكټر نور مصطفىٰ شيخ

# ارپنا

منهنجا والدين ۽ استاد

جن مون کي نبوي پيشي يعنيٰ استاد ٿيڻ لاءِ تيار ڪيو، حق جو ڪلمو ادا ڪرڻ والد جي نالي نورالحق ۽ سچ مرشد کي به چوڻ جو اثر نانا مولوي عبدالڪريم ڪهاڙي طرفان خون ۾ شامل رهيا.

اهليه محترمه، اولاد ۽ انهن شاگردن کي به ارپڻ چاهيان ٿو. جن هر حال ۾ ساٿ ڏنو.

# پيش لفظ

## ڪتاب "سچ ته بيٺو نچ" ۽
## ان جي ليکڪ بابت مختصر سچ

ليکڪ جناب نور مصطفيٰ ولد مولوي نورالحق ڳوٺ ڪوٽ پنو تعلقو رتيديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ 1942ع ۾ ڄائو. مئٿس ۾ ايم ايس سي ڪري 1964ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي شعبه رياضي ۾ ليڪچرار ٿيو. 1977ع ۾ سائوٿمپٽن يونيورسٽي انگلينڊ مان پي ايڇ ڊي ڪري آيو ۽ 2002ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊين فئڪلٽي آف سائنس طور رٽائر ٿيو. 35 تحقيقي مقالا لکڻ سميت رياضيءَ جي درسي ڪتابن جا ايڊيٽر مصنف ۽ مترجم رهيا. مختلف وقتن تي عبرت، ڪاوش ۽ جيجل اخبارن ۾ سنڌن ڪالم ۽ جيجل اخبارن ۾ سنڌن ڪالم ۽ خط شايع ٿيندا رهيا.

هن ڪتاب جي پهرين ڀاڱي ۾ ليکڪ سنڌي توڙي اردو جي پهاڪن کي ڪتب آڻي نمڪين بڻايو آهي، سندس سوال پڇڻ ۽ جواب ڏيڻ جي انداز کي "سائنسي ادب" چئي سگهجي ٿو. اميد ته پڙهندڙ خود دلچسپ چوٽين مان لطف اندوز ٿيندا.

هن ڪتاب ۾ لاتعداد ننڍين خبرن، انهن تي تجزين ۽ تبصرن جو سلسلو زنجير جي ڪڙين وانگر نظر اچي ٿو. انهن ۾ انگريزن جي دور ۾ ڏوهن ۽ قانون جو ذڪر، نوڪرين، ووٽن، چندن، اليڪشن جي خرچن جو ذڪر، سرڪاري زمين جو ڀڳڙن مٺ تي وڪڻڻ، گهوسٽ ملازمن ۽ گڏ گورننس بابت به بيان آهي.

شاگردن جي گريڊن، آفيسرن جي ترقي، حسين اداڪارائن کي فلم ۾ ڪم نه ملڻ،جج ۽ وڪيل جي مفاهمت وغيره کي "ظريفانه انداز" ۾ پيش ڪيو ويو آهي، مصنف جا هي لفظ ته "نالي ۾ ڇا رکيو آهي": گلاب، گڏهه، گدڙ يا ڪانوڪي ڪهڙي به نالي سان پڪاريو، سندن خوبين ۽ خامين ۾ ڪو به فرق نه ايندو، درحقيقت "سمنڊ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ" مثل آهي.

زندگي ۾ ڇاڇا نه ٿيندو آهي، ٻڌبو ۽ ڏسبو آهي اهو سڀ ڪجهه هن ڪتاب ۾ ائين شامل ڪيل آهي جيئن تيز رفتار وهندڙ پاڻيءَ ۾ جيڪي آيو سو خود بخود وهندو ويندو آهي، ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان "لطيف انداز" ۾ سياستدانن، پيرن، واپارين، استادن ۽ ٺيڪيدارن جو ذڪر به ملندو.

هن ڪتاب ۾ "لفظن جي رانند" آهي پر وڏي حقيقت سان: گفتگو آهي پر معنيٰ، مطلب، تجربي ۽ مشاهدي سان جهڙوڪ:

ڪنوار ٻوٽيءَ کي گهوٽ نه، نالو عاشق پر معشوق نه، نالو عالم پر علم نه، پاڻ پٽو پر پيءُ نه، بادشاهه پر تخت بنان، چيئرمين پر وصيت آڌار ڪتاب ۾ ايترا ته رنگ ڀريل آهن جو "ست رنگي انڊلٺ" جي جاءِ ناهي.

هڪ محل درلڪ ڪيترين ئي منجهس ڪڙڪيون

جيڏانهن ڪيان پرڪ روشنيون ئي روشنيون.

دنيا جا ڪجهه حيرت انگيز واقعا ۽ سوال جواب ذهني آزمائش طور به ڏنل آهن ته شاعريءَ جي انداز ۾ به ۽ جهڙوڪ: حسينه ڏي ڏسي نه ٿو ڪميشن وٺي نه ٿو، دروازن بنا محل وغيره. ڪيترين اهڙين حقيقتن به ملن ٿيون. جيڪي مصنف ڪمال خوبيءَ سان هڪ هنڌ گڏ ڪري پوري انساني زندگيءَ جو عڪس پيش ڪيو آهي.

ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ جانورن، رشتيدارن، آفيسرن ۽ عوام جي مرضي ڪي وتائي فقير جي قول "اُمان جي مرضيءَ" مطابق لکيو ويو آهي. ان ۾ به "تعميري تنقيد" تي زور ڏنل آهي.

ڪتاب جي ٽئين ڀاڱي ۾ عضون، رشتن، عادتن، دولت، ڪاڌن ۽ فن جي حقيقتن وغيره جو ذڪر" سهڻي انداز" ۾ ڪيل آهي، جيئن سردار اسلم رئيساڻي "ڏگري ته ڏگري آ" ۾ حقيقت بيان ڪئي هئي. اميد آهي ته مصنف جو اهو سلسلو جاري رهندو ۽ هو حسابي انگن اکرن سان گڏ ادبي انگن اکرن ۾ به پاڻ مڃرائيندو.

خادم العلم نثر و نظم

پروفيسر ڊاڪٽر نواب عبدالجبار عابد لغاري

9 جولاءِ 2017ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# تمهيد (ديپاچو)

اسڪولي شاگردن ۽ عوام جي نظر ۾ رياضيدان خشڪ مزاج ۽ عجيب غريب شخصيت وارا هوندا آهن، ان تصور کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان جي استادن مرحوم نور محمد ٽالپر (سنڌ يونيورسٽي) خير محمد ملاح (بنگل ديرو اسڪول) عبدالصمد هيرائي (شڪارپور ڪاليج) وارن همٿايو ته مثالن، تعميري تنقيد ۽ ٽوٽڪن وسيلي پارن ۽ عوام ۾ شوق ۽ شعور پيدا ڪريو. ان نظريي تحت مان عبرت اخبار ۾ "سچ ته بيٺو نچ" جي عنوان تحت ڏهن ڪن مضمون ڇپرايا. انهن مضمونن ۾ رياضيدان، سياستدانن، جعلي پيرن، عالمن ۽ اديبن بابت ٽوٽڪا هئا. ان جو مقصد ڪنهن جي پٽڪي لاهڻ هرگز نه هيو (پٽڪو يا رئو پاتل هوندو ئي نه آهي) ان کان اڳ سنڌ سائنس سوسائٽي جي (سائنس) رسالي ۾ "آيو ولڻ آيو" جي عنوان سان به مزاحيه نموني رياضي سان شوق پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم.

بابا سائين حساب نه سيکاري ها ته شايد اديب هجان ها (حسابن کان ڪورا)

مذهب منع نه ڪري ها ته شايد شاعر يا گويو هجان ها، صدين تائين سجاتو وڃان ها

نچڻ ۽ مسخري اچي ها ته طوطن پيءُ نه ته مور جو پاءُ ڪوٺجان ها (ڳوٺ ۾ مور پاڙيسري هيو) سروس دوران امتحان سيمسٽر سسٽم تحت گهٽ ورتا ساليانې ۽ ايڪسٽرنل سسٽم تحت زياده ورتا ورنه بخشش جو آسرو به گهٽ هجي ها.

چمچا گيري ۽ جي حضوري اچي ها ته اضافي چارجون وٺان ها.

خليفو پير بابت ڪرامتون ۽ چمچو ليڊر بابت خواب ۽ نعرا گهڙيندا آهن

روئارڻ کي فرضن کان اتم سمجهان ها ته ذاڪر هجان ها (شهر گهمان ها)

خطيب هجان ها ته ملڪ گهمان ها، تواريخ دان هجان ها ته قصا گهڙيان ها.

حورن جو آسرو نه هجي ها ته 9 کي ٻڙي اڳيان ڏئي هتي سري محل ٺهرايان ها.

سڪندر اعظم کي قبر ۾ هٿين خالي نه ٻڌان ها ته سڄ بئنڪون ڀريان ها.

پٽي کي قاسي چڙهندي نه ڏسان ها ته ڪرسي کي مضبوط سمجهان ها.

ڌرٽا ۽ پاناما نه ڏسان ها ته شگرملون ۽ اسٽيل ملون سڀ پنهنجون ڪري هڪ هٽي ڪريان ها.

فوج، عدليه يا بيورو ڪريسي مان رٽائر ٿيان ها ته اسلام آباد ۾ پلاٽ ۽ سنڌ ۾ 100 ايڪڙ زمين ملي ها.

اسٽيٽ بئنڪ يا گئس جو ملازم هجان ها يا چونڊيل نمائندو ته فئملي جو علاج يورپ يا آمريڪا مان ٿئي ها.

بلديات، خزاني يا تعليم کاتي جو ملازم هجان ها ته نئب وارن سان ففٽي ففٽي ڪريان ها.

گهوٽ ڪنوار راضي ته ڇا ڪندو مولا قاضي.

بلڊر هجان ها ته هڪ محل گفٽ ڪري هزارين ايڪڙ زمين هٿ ڪريان ها.

رياضي جا ڪتاب نه لکان ها ته دانشور پڙهايان ۽ سيکاريان نه ها ته تعليمي ماهر ريسرچ نه ڪريان ها ته اسڪالر ڪوٺجان ها.

غلطيون نه پڪڙيان ها ته عزت ۽ دعوتون ملن ها. تنقيد نه ڪريان ها ته اولاد کي نوڪريون ملن ها ۽ ڪانٽريڪٽ به.

ڪريشن ۽ گناهه جيترا به پر حج ۽ عمرا ضرور ڪريان ها.

محفل ميلاد ۽ درگاهن تي ميلا لڳرايا ها يا عاشورن ۾ 10 ڏينهن ڪارا ڪپڙا پايان ها ته حساب ڪتاب کان آزاد هجان ها.

آمر کي ڪيس ڪٽي ڏيان ها يا سندس شان ۾ ڪو شعر چوان ها يا وردي وارن جو پٽيلو بڻجان ها ته وارا نيارا.

ناول نگار مردن جي وات ۾ لفظ (جهڙا چاهي) وجهندو آهي، آمر جيئرن جي وات ۾ مگ وجهندو آهي.

سرڪس وارو شينهن جي وات ۾ ۽ جوڳي نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهندو آهي.

مسخرو پنهنجي وات مان پکين ۽ جانورن جا آواز ڪيندو آهي.

رياضيدان پنهنجي دماغ مان ڪجهه حساب، مثال، ڳجهارتون ۽ خيال ڪڍي ٻين جي دماغ ۾ وجهڻ جي اٽڪٽنگ ڪندو آهي.

جادوگر پنهنجي ڪيسي مان ڪبوتر سيهڙ ۽ نوٽ ڪيندو آهي.

هن ڪتاب جي پهرين ڀاڱي "ڪجهه سچ" ۾ پابندين، عجيب ڳالهين، ننڍو وڏو ۽ گهٽ وڌ خواهه زماني جا رنگ بيان ٿيل آهن. انهن مان گهڻا ٽوٽڪا عبرت اخبار ۾(2014ع) "سچ ته بيٺو نچ" جي عنوان تحت قسط وار شايع ٿيا هيا.

ٻئي ڀاڱي "ڪجهه مرضي" ۾ جانورن، رشتيدارن ۽ ذاتين بابت

وتائي فقير جي قول "پٽ چاڙهي يا ماني پچائي اها امان جي مرضي" کان متاثر ٿي لکيل آهي. جهڙوڪ شينهن جي مرضي آ، گوشت کائي يا ٻڪ مري.

دل جي مرضي آ، شيديءَ سان لڳي يا گيديءَ سان، ڦاٽي، يا سڙي

ڊاڪٽر جي مرضي آ مسيحا بڻجي يا ڪل لاهي (علاج ڪري يا ريسرچ)

واپڊا وارن جي مرضي آ، ننڊ جي ٽائيم تي بجلي بند ڪن يا سخت گرميءَ وقت.

آمر جي مرضي آ مارشل لا هڻي يا ٻاٽي ڪي وزيراعظم بڻائي.

محبوب جي مرضي آ، شادي هال ۾ اچي يا خوابن ۾، ڪاليج ۾ ملي يا هوٽل جي ڪمري ۾.

ٽئين ڀاڱي "ڪجهه حقيقتون" ۾ عضون، ڪاڏن، رشتن، عادتن، عملن، فن دولت، حساب، ڪتاب، انگن، رنگن، بابت خيالن جو اظهار ٿيل آهي.

اهو ڀاڱو رئيساڻي صاحب سابق چيف منسٽر بلوچستان جي چيل هڪ ذو معنيٰ جملي

"ڊگري ته ڊگري آ" کان متاثر ٿي لکيل آهي، ان جملي ۾ گهٽيون زميني حقيقتون پوشيده آهن. جهڙوڪ "اک ته اک آهي" اٿي به، لڳي به، سڙي به، ٺري به، رکجي به، پچجي به، هٽجي به، انصاف انڌو آ باقي ڪن کي 2 اکيون ته ڪن کي 3.

ڳوڙها ڳاڙي اک ڏوهجن دل ۽ دماغ.

اک لهي لک سهي نه ڪک. "پير ته پير آهي": ڪن پيرن هيٺان جنت ته ڪن هيٺان مصلو

"ٻانهن ته ٻانهن آ": ڪڏهن ڪٽجي ڪڏهن موٽائجي، ڪٽجن جنگهون گهرجن ٻانهون.

"ڏاڙهي ته ڏاڙهي آ": مرد جي سونهن، ڪو ڏاڙهيءَ سان چوري ڪري ڪو ٻهاري ڏئي.

"وات ته وات آ": ڪن جي وات تي مهر يا ڪلمو، ڪن جي ۾ مگ، موتي ياٽڪر.

"ڪوڙ ته ڪوڙ آ": مهاجر جي ذات ۽ ڪليم، پير جو شجرو ۽ ڪرامتون، سياستدانن جو واعدو
حڪيم ۽ بلڊر جو اشتهار، هيروئن جي سونهن، رياضيءَ ۾ گنجائش نه، ريسرچ ۾ گھٽ.
ڏکھو نه ڏسو ٿلھو ڏسو، گريڊ نه پاور ڏسو، حسن نه دولت ڏسو، قد نه دل ڏسو.
"قبر ته قبر آ": ڪو ڏندن سان کوٽي ڪو هٿن سان، ڪو وات سان ڪو دماغ سان.
"سون ته سون آ": ڪارو به، اڇو به، پيلو به، وهندڙ به، ڪن جا ڪارناما ۽ قول سونهري ته ڪي جنهن کي هٿ لائن سو سون.
"شادي ته شادي آ": پرائي شادي ۾ عبدالله ديوانو، ڪراڙي جي شادي ۾ پاڙي وارا خوش
"سزا ته سزا آ": عورت لاءِ 12 ڪلاڪ خاموشي، شاگرد لاءِ 6 ڪلاس رياضيءَ جا، امتحان هال ۾ ڪارتوسن تي پابندي.
"ڪنجي ته ڪنجي آ": ڪا جنت جي ڪا پيار جي، ڪا ڪاميابيءَ جي ڪا صحت جي.
"ڊوڙ ته ڊوڙ آ": ڪن جي چڪي، يڪي، مڪي يا بنارس تائين، ڪن جي سٽي، رٽي، اٽي يا لٽي تائين، ڪن جي لنڊن، قطر يا دبئي تائين
"انگ ته انگ آ": 0 ۽ 1 جو جوڙو بادشاهه ۽ راڻي جي جوڙي ڪان به قيمتي
"رنگ ته رنگ آ": ڪو خوشي لاءِ ڪو غم لاءِ، ڪو امن لاءِ ڪو خطري لاءِ، ڪير ٽڪ ۽ ڪفن اڇو پررت ڳاڙهي ۽ ماتمي لباس ڪارو،
ڪي ڏاهپ جا رنگ، ڪي قدرت جا ته ڪي حسن جا.
"آواز ته آواز": دل، رڪارڊ ۽ سگنل ٽٽي ته آواز نه، برتن خالي ته آواز گھڻو، ضمير جو آواز پيلو گڏهه جو برو.
"ڊگري ته ڊگري آ": ووٽ، نوٽ، وصيت، آرڊر، پروانا، معاهدا سڀ ڪاغذ تي لکيا آهن ۔
مدرسي جي يا يونيورسٽي جي رياضي ۾ يا جاگرافي ۾ عزت آهي ڄاڻ تي.
"عادت ته عادت آ": ڪا پيراڻي ڪا ميراڻي، ڪا باراڻي ڪا فقيراڻي ۔
"آڱريون ته آڱريون آهن": ڪي ليڊيز فنگرس ڪي فش فنگرس، ڪي چٽڻ لاءِ ڪي نچائڻ لاءِ.
"بار ته بار آ": خوشيءَ سان کڻي ته مڙس، زور سان کڻي ته گڏهه، نه کڻي ته شترمرغ.

# فهرست


| باب | عنوان | صفحو |
|---|---|---|

## پاڱو پهريون: ڪجهه سچ

| | | |
|---|---|---|
| 1_ | بندش ۽ دعويٰ | 14 |
| 2_ | چوءِ ڪيئن | 21 |
| 3_ | اجايو ڏکيو ۽ نه ڪجي | 32 |
| 4_ | ڪاهي پوڻ، جيئن وٺي ۽ جاچڻ | 40 |
| 5_ | عجيب ڳالهيون ۽ نوان نالا | 46 |
| 6_ | نئيو وڏو زماني جا رنگ ۽ هڪ نه پيو | 52 |

## پاڱو ٻيون: ڪجهه مرضي

| | | |
|---|---|---|
| 1_ | ڪن جانورن ۽ رشتيدارن جي | 58 |
| 2_ | آفيسرن، حاڪمن ۽ عوام جي | 65 |
| 3_ | ڪن ذاتين وارن جي | 71 |

## پاڱو ٽيون: ڪجهه حقيقتون

| | | |
|---|---|---|
| 1_ | عضون بابت | 79 |
| 2_ | ڪاڏن بابت | 93 |
| 3_ | رشتن بابت | 99 |
| 4_ | عادتن ۽ عملن بابت | 107 |
| 5_ | فن بابت | 113 |
| 6_ | دولت بابت | 119 |

# پاڳو پهريون: ڪجهه سچ

## باب پهريون: بندش ۽ دعوي

(1) هڪ ليکڪ جي لکڻي ڇاپڻ تي پابندي لڳي وئي!

پڪ سان ايڊيٽر يا فوج تي تنقيد ڪئي هوندس يا وري رڳو رياضي ۽ سائنس بابت لکندو هوندو. پڙهندڙن کي وٽن قصا، ڪهاڻيون ۽ شاعري ہيو هيروئن جا رنگين پوز، هونئن به وچ ڪي قلعي آڏار ڪڍڻ ڪپي (پوءِ روئڻ اجايو آ).

هڪ پروفيسر جي ڪلاس وٺڻ تي پابندي لڳي وئي! (عِلم بندي).

ڪنهن چيو هوس ته ڪورس پورو ڪري قوم جي نونهالن کي تڪليف ۾ وجهي؟ ڊگري کي اهميت آهي قابليت کي نه. هونئن به نوڪري لياقت تي ٿوروئي ملندي ان لاءِ ته ڪپي جي حضوري. (جو حڪم ميري آقا).

(2) هڪ عالم جي تقرير تي پابندي! (زبان بندي)

سندس زبان مان نڪرندڙ جملن جو اثر شعلن کان به وڌيڪ هوندو.

شايد اُنهم بمن به ايترا دشمن نه ماريا هوندا جيترا اهڙن عالمن پنهنجا مسلمان ماريا هوندا.

هڪ شاعر جي سرڪاري مشاعرن ۾ شرڪت تي پابندي!

وقت جي حاڪمن جي قصيده گوئي جو رخ بدلجي ويو هوندس.

ٿوري ڪن مهٽ ٿيندس ته پاڻهئي لائين تي اچي ويندو. ورنه عوامي شاعر ڪوٺبو.

(3) پيرن جي مزارن تان پڙ لاهڻ جو سلسلو تيز! (فرقي بندي)

اها خبر نه ٿي پئي ته پڙ چاڙهڻ ۾ ثواب وڌيڪ آهي يا لاهڻ ۾. طالبان جي خيال ۾ ته ڪپڙن جي ضرورت مئلن کان وڌيڪ جيئرن کي آهي. بک ۾ بصر به مئو ۽ جان بچائڻ لاءِ حرام به حلال ٿي پئي.

هڪ پٽيوالي جي نوڪري تيل ٿي وئي! (ٺڪ بندي).

پڪ سان ڪنهن کي معشوق، سهٽي يا پارس ڪوٺڻ جي غلطي ڪئي هوندس.

اها زبان ٿي ته آهي جيڪا چانو ۾ ويهاري يا اُس ۾ (پهلي تولو پهر بولو).

(4) قلندر جي درگاهه تان سون چوري! (دعويٰ)

چورن هنيو نعرو ته جهولي لعل بيڙا پار. ڪين غريب سمجهي شهباز ان وقت ڪيو پرواز (چورن جا ٿيا بيڙا پار) ته جيئن چورن جو اِجان به پختو يقين ٿئي.

آمريڪا هاٿيءَ جي ڏندن جي وڪري تي پابندي هٽي چڏي!

انسان پيارا هجنس ها ته موتمار هٿيارن جي تياري ۽ وڪري تي پابندي هٽي ها ۽ جپان جي شهرن تي ائٽمر بمر نه اڇلائي ها. (شينهن جي آ مرضي)

(5) هڪ سياستدان جي اليڪشن لڙڻ تي پابندي!

جعلي ڊگري ڪيسن يا ٻئي شهريت سبب ڦاٿو هوندو. اقربا نوازي، ميرٽ جي لتاڙ ۽ ڪرپشن جي ڪيسن ۾ ته نه ثابتي چڏيندو ۽ نه ڪو شاهد بيهندس.

باقي ڪنهن ڊڪٽيٽر سان معاڏو اٽڪايو هوندائين ته ڦاسي يا جلا وطني ڪان بچي وڃڻ تي داتا دربار تي چادر چاڙهائي.

(6) جاوا ۾ برنڊڙ جبل ڦاٽي پيو! (حدبندي)

بمر، دل، ڦوڪٽا، رڳ، لٽا، پيٽ ۽ پنا ته ڦاٽندا هئا هاٽي جبل به ڦاٽن ٿا (سسئي ڪي پناهه ڏيڻ لاءِ به ته زمين ڦاٽي هئي). انسانن کي سمجهائڻ ٿا ته حد اندر رهو.

همر جنس پرستن کي شاديءَ جي اجازت ملي وئي!

خانداني منصوبه بنديءَ جو بهترين طريقو (بنان خرچ جي). (دعويٰ)

جيئن ڏاج ۽ وليمي جي خرچ بچائڻ لاءِ ڪورٽ مئريج. هونئن به جيڪڏهن ڪنهن عورت کي ڪو مرد يا ڪنهن مرد کي ڪا عورت نه ملي ته اهي ڪيڏانهن وڃن. (دير آيد درست آيد) در درجا ڌڪا کائڻ کان بچي ويا.

(7) هڪ پير جي درگاهه سيل ڪئي وئي (تالا بندي)

اتان آزاديءَ جا متوالا مجاهد بنجي نڪرندا هوندا يا موالين جا ٽولا ٻي لغامر ٿي ويندا هوندا يا سجاده نشينيءَ تي ڦڏو هوندو.

هڪ سائنسدان تي پابندي هنئي وئي! (نظربندي)

بين الاقوامي چوڏرين جي هڪ هٽي ختمر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪاميابيءَ جي سزا

نوڪريون وڪڻڻ سندس محبوب مشغلا آهن باقي جوابداري ڪا بہ نہ. (وڏن ليڊرن جي چمچاگيري ۾ پورا)

(14) هاڻيءَ جا ڏند ڏيکارڻ جا هڪڙا کائڻ جا ٻيا!

ڪروڙين روپين جي گاڏين ۾ گهمڻ وارا ۽ اربين روپين جي محلن ۾ رهڻ وارا سڏائن غريبن جا همدرد!

چوتہ سندس درجي خدمت ۽ جان جي حفاظت عيوض سون جي تعداد ۾ غريب پيا پلجن.

بئنڪن جا قرض معاف ڪرائڻ وارا ۽ ٽئڪس نہ ڀرڻ وارا سڏائن وڏا ايماندار!

چوتہ اسيمبلي قرض معاف ڪندي آهي ۽ ٽئڪس بدلي زڪواة ادا ڪندا آهن. ورنہ اليڪشن ۾ ڪروڙين روپيہ خرچ ڪيئن ڪن!

(15) سنڌ جون زمينون، شهر نوڪريون ،بندرگاه ۽ پاڻي ڦباڻڻ وارا سڏائن سنڌين جا همدرد! (دعويٰ)

چوتہ هندن جي تسلط ڪان نجات ڏيارڻ ۽ لکنوجي تهذيب سيکارڻ ۾ سندن وڏو هٿ آهي.

هونئن بہ عرب ۽ سندس اٺ واري قصي ۾ اٺ عرب کي خيمي کان ٻاهر ڪري ڇڏيو هو جو ويچاري اٺ کي سيءُ پئي ٿيو تہ خيمو ننڍو هو نہ تہ خيمي کي ڪٽي اڌو اڌ ڪن ها (عاقل کي اشارو ڪافي آهي).

بلوچستان جي گئس ۽ معدني وسيلن کي هضم ڪرڻ وارا سڏائن بلوچن جا همدرد!

بيشڪ چوتہ ايران ۽ افغانستان جي تسلط ڪان ۽ خان آف قلات جي بادشاهي کان کين بچائي قبائلي سردارن حوالي ڪين. ان عيوض ۾ ڪميشن تہ سندن ٺهي ٿي.

(16) نوڪري ڏيڻ لاءِ پڇن ووٽ، نوٽ، چندو ۽ آئنده آمدني مان مستقل حصو پتي! حاڪم آهن يا پنندڙ؟ سڏائن تا امانت دار.

چوتہ پنجن سالن بعد اليڪشن تي بہ خرچ ڪرڻو آهي.

اميدوارن کي ڊگري بہ تہ ڪاپي، سفارش ۽ داٻي تي مليل هوندي.

ميرٽ جو پلي جنازو نڪري (ڏوم ڏام سان).

سرڪاري زمينون ۽ ادارا ڀڳڙن مٺ تي کپائڻ وارا ۽ ٺيڪا ۽ ڪيميڪلس جي ڪوٽا

وڪڻڻ وارا به هٽن تا ميرٽ جا نعرا! (دعويٰ)

چوته هاڻي ڊڪشنري ۾ ميرٽ لفظ جي معنيٰ آهي جيڪو گهڻو مال ڪڍي اڳ ۾ پهچي ۽ گهٽيون فرمائشيون پوريون ڪري.

(17) اسٽيل مل، واٽر بورڊ، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ، تعليم کاتي ۽ لوڪل گورنمينٽ ۾ هزارين گهوسٽ ملازم ۽ جعلي آرڊر پوءِ به دعويٰ ڪن گڊ گورنيس جي!

درست، چوته گڊ گورنيس جو مطلب آهي عوام کي ميلن ملاکڙن، جلسن ۽ فيسٽول سان گڏ پوسٽنگ ۽ وريفيڪيشن جي لاءِ چڪر ڪاٽرائڻ.

اٽي، گئس، پيٽرول ۽ ڊالر جي اگهن ۾ سو سيڪڙو کان به وڌيڪ واڌ پر پگهارن ۾ پنجاه سيڪڙو واڌ به نه، پوءِ به دعويٰ ڪن ته مهانگائي جي جن تي قابو ڪيو اٿن! (دعويٰ)

واقعي درست آ چوته مهانگائي ختم ڪرڻ جي ته دعويٰ نه ڪئي اٿن. ڀلا پگهارون ۽ مزدوري به نه وڌي ها ته به حاڪمن جو ته ڪجهه نه بگڙي ها.

(18) بم هٽڻ وارا ريل ۾ پر ٺاهڻ وارا جيل ۾! (دعويٰ ترقيءَ جي)

سٺو ٿيو بم ٺاهڻ وارن تي ڪنٽرول نه ٿئي ها ته اڄان به وڌيڪ خطرناڪ هٿيار ٺاهن ها ۽ انهن جي سنڀال لاءِ ڪو بيو اچي ها.

متفقه آئين ٺاهڻ وارو ڦاسيءَ تي چڙهيو پر آئين ٽوڙڻ وارو مزن ۾!

(هڪ ارب روپئي جي ماليت وارو فارم هائوس تحفي ۾ مليس)! (دعويٰ بهادريءَ جي)

پوءِ ڀلا اهڙو آئين ڇو ٺاهيائين جنهن ۾ پاڻ کي ٿي ترميمون ڪرڻيون پيس ۽ واڳ ڏٺين ڪي اهو پسند ٿي نه آيو.

ڦاسيءَ جي عيوض سندس پيڙهيون به ته حڪمران آهن. (دلين تي).

(19) صدر، وزيراعظم ۽ وزيراعليٰ هائوس جي روزاني مهمانداري تي ويهه لکن کان وڌيڪ خرچ پر سڏائن ڪفايت شعار!

بلڪل درست ڀلا چاليهه لک به خرچ ڪن ته ڪير مائي جو لعل کين روڪيندو.

گهڻو گهڻو به ته اسيمبلي کان بجيٽ ۾ منظوري وٺي ان کي قانوني شڪل ڏيندا يا صوابديدي اختيارن تحت استعمال ڪندا.

# باب پيو: ڇو ۽ ڪيئن

(1) پوري ڪلاس ۾ صرف هڪ شاگرد کي A گريڊ نه مليو! (ڇو)

شايد رحم دل پروفيسر کان غلطي ٿي وئي يا اهو سست شاگرد ڪاپي خالي ڇڏي آيو هوندو.

ڪم از ڪم سوال ته اتاري اچي ها (ممتحن آخر ايترا به بي ايمان نه هوندا آهن).

8 کي 80 ۽ 9 کي 90 ڪرڻ ته سندن ڏائي هٿ جو کيل آهي البته 0 کي ڪجهه نه ڪري سگهندا ڇو ته ان جي اڳيان 0 ڏيڻ جو ڪو فائدو نه آهي.

70 سالن کان به وڏي عمر واري آفيسر کي ڇوٽون پيرو به سٺي نوڪري جو ڪنٽرئڪٽ مليو! (ڇو؟)

(60 سال کان گهٽ وارن آفيسرن جا په به ويا ته ڇهه به ويا).

سيد سڳوري کي سندس عمر ياد ڏياري هوندائين يا پيالي پيائي ۽ جيمل پيائي هوندس.

هڪڙا ڇون ته خوش نصيب آ پيا ڇون ته وڏو هنرمند آ.

(2) هڪ مشهور حسين اداڪاره کي فلم ۾ ڪم نه مليو! (ڇو؟)

غير ملڪن ۾ هوٽلن تي ڊائريڪٽر سان راتيون گذارڻ کان انڪار جو نتيجو (نچڻ هلي آ برقعو پائي). وقت گذرڻ سان سمجهي ويندي.

اجهان ويچاري نئين نئين ان فيلڊ ۾ آئي هوندي، سينيئر اداڪارائون سمجهائي ونندس ته موقعو نه وڃاءِ ڪمائي وٺ ڪجهه نه ٿيندو (رات گئي بات گئي).

وڪيل پيو جج کي ڌمڪائي! (ڇو؟)

جج هوندو نئون ۽ وڪيل هوندو ڪڙپيل جج کي ڪيس هلائڻ نه ايندو هوندو يا وڪيل بار جو چڱو مڙس هوندو.

ڪجهه ڏي وٺ جي بنياد تي ڪم اڪلائجي. ان ۾ ٻنهي ڌرين جي ڀلائي آ (مفاهمت).

ڏوهارين کي سزا ملڻ سان نه وڪيل جو ڀلو نه جج جو.

(3) گورڪن جي گهر مان لاش برآمد! (ڇو؟)

شايد قبرستان ۾ گنجائش نه هوندي. بيو ته اڳي رڳو ڪفن لاهيندا هئا پر هاڻي چير ڦاڙ ڪري مردي جا عضوا به ڪڍي وڪڻڻ ٿا. (ڪي ڊاڪٽر ته زنده غريبن جا به عضوا ڪڍي ٿا وٺن) ان ريت پنهنجو به پلو ڪن ته مالدار بيمارن جو به.

هوندئن به اهي عضوا ڪيڙن مڪوڙن جو کاڄ ٿين ها.

ايم اي فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڊگري هولڊر مضمونن جا نالا به نه ٿو ٻڌائي سگهي! (ڇو؟)

سندس استادن ۽ ممتحن کان به ڪجهه پڇي ڏسو (جهڙا روح تهڙا ختما).

پي ايچ ڊي هولڊر کان سندس ٽاپڪ بابت پڇڻ جي غلطي نه ڪجو.

ماسٽر کان درخواست نه لکرائجو. پروموشن لاءِ ليڪچر نه ڏيارجو.

(4) هڪ نئون رانديگر مشهور رانديگر کان ڪٽي ويو! (ڇو؟)

اڳي اتفاق ڇٽبو هو يا ڪڏهن رحم کائي انعام جي رقم امير رانديگر پاڻ اهڙي طرح غريب کي ڏياريندو هو.

(هاڻي ته ڪروڙن جا سٽا لڳن ٿا يا ڪٽڻ وارو رانديگر سليڪٽر جو ويجهو عزيز هوندو (مڙئي دال ۾ ڪجهه ڪارو ضرور هوندو).

ٺيڪيدار کان ٽينڊر منظور ٿيڻ يا بل پاس ٿيڻ جو راز نه پڇجوا (ڇو؟)

پلاهن وقت تائين ڪنهن رانديگر ٽيم ۾ سليڪشن جو ڪنهن ائڪٽريس فلمن ۾ ڪم ملڻ جو. ڪنهن پروفيسر شاگرد کي A گريڊ ڏيڻ جو. ڪنهن سياست دان اليڪشن کٽڻ جو. ڪنهن صنعت ڪار يا بلڊر دولت ڪٺي ڪرڻ جو. ڪنهن حسينه پنهنجي حسن جو راز ٻڌايو آهي.

(5) هڪ همراهه جو خيال هو ته جهڙو سٺ تهڙيون ٽي ويهون! (پوءِ ڇا ٿيو)

هڪ ڳوٺاڻو 60 سال عمر واري زال ساڻ ڪري وٺس ويو ۽ چيائينس ته مون کي هن جي بدلي ٽي ويهن ويهن سالن واريون جوانڙيون ڪپن.

شهر جي هڪ واپاري چيس ته مون کي 60 هزار روپيا ڏي مان ٽن سالن ۾ ويهه ويهه هزار ڪري موٽائيندس. آئنده تو يهه ڪري ڇڏيائين.

چوندا آهن ته سياستدان ڪرپشن جو ڪو ثبوت نه ڇڏيندا آهن! (ڇو؟)

پاڪستان سان محبت جو نعرو هڻي الائي ڪيترا ڏرتي ڇاوا مارايا.
زالن، سالن ۽ سؤٽن مارائڻ جو ته حساب ئي نه آهي.

(8) نياڻيءَ جي شادي ڪراءِ ته مصيبت نه ڪراءِ ته عذاب! (چو)

بيشڪ ڇو ته ڪڏهن ڪڏهن شادي شده نياڻي ۽ ان جي اولاد پيءُ جي هر شئي تي قبضو ڪري ڇڏيندي آهي (ملڪيت، گادي، ذات). پوءِ ان پيءُ جي پٽاڻي اولاد ڪي ڪو پڇندو به نه آهي.

ڪاش ڪوڙن واعدن ڪرڻ وارن کي سگ ڦٽن ها! (چو)

اسان جي ڪافي سياست دانن کي پنهنجي قد ڪان وڏا سِگ هجن ها ۽ ٻارهن سگن وارن جا ڏڻ هجن ها. سب فرمائشون به ته پوريون نه ٿينديون آهن.

اسڪولي ٻارن جي دعا اگهامي ها ته حسابن وارا استاد گوليا نه لين ها ۽ مظلومن جون آهون اثر ڪن ها ته ظالمن جو ڪو وجود ئي نه رهي ها.

(9) اسپيشلسٽ ڊاڪٽر کي پنهنجو ميڊيڪل اسٽور، ميڊيڪل سينٽر ۽ ليبارٽريون نه آهن! (چو)

پوءِ سرڪاري دوائون (غريبن لاءِ) ڪٿي کپائيندو؟
سندس ٻار پرائيويٽ بهترين ادارن جون لکين روپيه فيس ڪيئن ڀريندا؟
شايد اڃان تائين ڪو موزون انويسٽر نه مليو اٿس.

نئين هيروئن سان ماءُ يا ناني هميشه گڏ ايندي آهي! (چو)

ماءُ ۽ ناني کي به آخر حصو پتي کپي. ايتري محنت سان ڪيس آڊي سوٽي (پالي پوسي) ان منزل تي پهچايو اٿن. هونئن به ان عمر ۾ ناني پاڻ جيڪڏهن نچي نه ٿي سگهي ته ڏسي ته شوق پورو ڪري سگهي ٿي.

(10) پاڪستان ۾ ٽرين ٽائيم تي هلي ٿي! (چو)

ٿورو انتظار ڪريو جيسين ٽرانسپورٽ ريلوي وزير سان رابطو ڪن. پوءِ يا ته پاٽهي پٽڙي تان لهي ويندي يا بم هڻڻ وارن جي ور چڙهندي.
جيڪڏهن آفيسر يا استاد ٽائيم جو پابند آهي ته فڪر نه ڪريو پڪو ٽيڻ ڏيوس يا

يونين وارن جي ور چڙهي ته راهه تي اچي ويندو
دهشتگردن جو مقابلو همت سان ڪرڻ گهرجي!
چوڻ وارو ڪير آ ان ڪي نه ڏسجو. اهو ڏسو ته جيڪي چئي ٿو سو سچ آ.
پاڻ پلي لنڊن يا پئرس مان ويهي مقابلي جا درس ڏئي چاهي هڪ سو گارڊ ساڻ ڪري گهمي. مشهور چوڻي آهي ته ملان جيئن چئي تيئن ڪجي.
پاڻ نه پلي ڏوجهان متيان ڏيوي. بلڪل ساڳيءَ طرح استاد شاگردن ڪي چيو ته دل لڳائي پڙهو شاگردن چيو ته سائين اوهان ته اکين تي عينڪ لڳائي پڙهندا آهيو.
(11) الله ڪي پيارو ٿي ويو! (ڪيئن)
واهه واهه جيئرو هيو ته الله ڪي پيارو نه هيو چو ته عوام ڪي آزار ڏيندو هو.
هاڻي ان جا وارث ٽيجهي، جمعاڻي، چاليهي ۽ پارهي تي قرآن خوانيون ۽ ختما ڏيارن ٿا. ڪارڊ ڇپرائي، دعوتون ڏئي ديڳيون پچرائن ٿا ته پوءِ شايد الله ڪي پيارو لڳندو هوندو.
(12) نالي ۾ ڇا رکيو آ!
واقعي گلاب، گدڙ يا ڪانءَ ڪي ڪهڙي به نالي سان پڪاريو سندن خوبين ۽ خامين ۾ ڪوبه فرق نه پوندو.
ان باوجود ڪي نالا اهڙا به آهن جن تان سؤ سؤ ڏاڙهيون به قربان.
ڪي وري اهڙا نالا جو نام بڙا ديهه ويران يا درشن ڇوٽي.
ڪي پيءُ ڏاڏي جو نالو روشن ڪن ته ڪي وري مفت ٿيا بدنام.
ڪن جو وٽي تي به نالو نه ته ڪن جو اسڪول مان به نالو خارج.
ڪن جو نالو ملو ته ڪن جو ڪوڙو. ڪنهن جو نالو پري ته ڪنهن جو راڻي.
ڪو دريا خان ته ڪو سمندر خان، ڪو عاشق ته ڪو معشوق.
ڪو ڪانڊيرو ته ڪو انب
نالي ۾ ڪجهه ته اثر آهي جو ڪنهن ڪي ست پائي ڪوڻن ته ڪنهن ڪي سياڳي.
ڪائي وجن ڳيرا نالو بد ڪانءَ جو ۽ ڪڪڙ ڪوريءَ جي نالو وڏيري جو.
پار جو قد وڏاڻو هجي ته نالو بدلائي رکوس مهانگائي.

حسن يا بخت وڏائٺو هجي ته پار جو نالو رکجي شهزادو محبوب، سهڻو حور.

(13) ڪڪرن بنان مينهن وسيوا (ڪيئن)

اها حقيقت آهي ڇو ته بيلن ۾ باهه وسائڻ خاطر جيڪي پاڻيءَ جا ٽئنڪر هوائي جهاز وسيلي ويا ان مان هڪ جي ٽانڪي ليڪ ٿي پئي. ان مان ڪرندڙ پاڻي جنهن ساموندي جهاز تي ڪريو ان جي مسافرن ۽ عملي سمجهيو ته مينهن ٿو وسي. بلڪل ساڳيءَ طرح علاج ڪرڻ بنان به ڊاڪٽر ڪوٺبا آهن، پڙهائڻ بنان به ماستر ڪوٺبا آهن ۽ وڏون پگهارون کڻندا آهن. حقيقي يا فائدي مند ريسرچ ڪرڻ بنان بہ ريسرچر ۽ پروفيسر ڪوٺبا آهن.

(14) سجدي بنان نمازا (ڪيئن)

ها ٿيندي آهي ان کي جنازي نماز چون.

بلڪل ساڳيءَ طرح اکين بنان به ڪي شيون ڏسبيون آهن (خواب)،

ڪنن بنان به ٻڌبو آهي. (نبض آگرين سان)،

نڪ بنان به سنگهبو آهي (خطري جي بوءِ)،

وات بنان به کائبا آهن (لوڏا، ڏک، چڪر)،

پنڌ ڪرڻ بنان به گهمبو آهي (نقشي تي ڪتاب تي يا اخبار ۾)

بي جان شين کي به ڊوڙائبو آهي (دليل، خيال).

(15) علاج ڪرڻ بنان ڊاڪٽرا (ڪيئن)

جيڪي پي. ايچ. ڊي ڪندا آهن اهي به ڪوٺبا ڊاڪٽر.

ڪي حسابن جا ڊاڪٽر ته ڪي جاگرافي جا، ڪي سنڌيءَ ۾ ته ڪي اردو ۾ . اهي آپريشن ڪرڻ به نه ڄاڻن.

لڙائي ڪرڻ بنان شهيدا (ڪيئن)

ڪن جو نالو شهيد ته ڪن جو تخلص زخمي

فيصلا نه ڪن به قاضي ڪوٺجن، ٿانوَ نه ٺاهين به ڪنڀر ڪوٺجن، پڙهائن نه به استاد، ريسرچ نه ڪن به تعليمي ماهر.

(16) آڱوٺي ڇاپ ٽوڙين ڊگرين تي ٺپا هڻيا (ڪيئن)

عوام انهيءَ کي چونڊيو ادو يا ادي مٺس راضي.

گورنر بڻايو ويو ته يونيورسٽين جو چانسيلر به ٿيو. لازمن ڊگرين تي صحيحون ڪندو.

انٽر پاس وڏن ادارن جو ايم ڊي ٿيوا (ڪيئن)

ڪنهن جي ڀاڱ سان ڪهڙي ريس.

ڪنهن وڏي ليڊر جي جيل ۾ هجڻ دوران خصوصي خدمت ڪئي هوندس، يا سندس رازن جو امين هوندو.

(17) جن وٽ سائيڪل به نه هئي سي ٻيجارو جا مالڪا (ڪيئن)

خدا ڏيندو آهي ته ڇپر ڦاڙي ڏيندو آهي. ليڊرن جي خدمت عيوض پلاٽ ۽ ٺيڪا مليس.

نوڪرين جا جعلي آرڊر وڪيائين ۽ پتا اوڳاڙڻ جو ماهر آهي.

امير غريب ٿي ويا ۽ غريب امير ٿي ويا! (ڪيئن)

هندستان جي ورهاڱي بعد اتي جيڪي امير مسلمان هئا. سي ڪجهه نه ڪڻي سگهيا ۽ ڪن غريبن دوڪا ڪري ڪوڙا ڪليم ڀري هتي ملڪيتون ناهيون.

سنڌ جي هندن سان به ساڳي ڪارَ ٿي.

(18) گهوٽ بنان ڪنوارا (ڪيئن)

ڪنوار ٻوٽي کي گهوٽ نه، نالو عاشق پر معشوق ڪو به نه.

نالو عالم پر علم نه. پاڻ پٽو پر پيءُ نه. بادشاهه پر تخت بنان.

(19) نڪاح بنان ٻارا (ڪيئن)

بيبي مريم کي پٽ ڄائو اليڪشن بنان چيئرمين،

امتحان بنان ڊگري (اعزازي) در دروازن بنان محل (انڊو).

ٿنين بنان ڇت آ. آسمان پر ڇت بنان محل ڪيئن آ!

ها ٻڌو آهي ته هڪ فقير ڪنجوس کي دعا ڪئي هئي ته تو کي بهشت ۾ ڇت بنان محل ملي ڇو ته فقير کي ٽِڪ بنان منڊي ڏني هئائين.

ان جو مطلب ته فقير کي ماني مکيل نه ڏبي ته محل جي ڀتين کي نه پلستر ٿيل

خط چٺيون ڪيئن لکجن ڪتاب ناول ڪيئن پڙهجن
هاڻي ته تاثير ئي ڪونهي
مانيون منهن ڪيئن مڪجن مڇيون ۽ پلا ڪيئن ترجن
هاڻي ته تيل به ڪونهي
بئنڪون دڪان ڪيئن لٽجن ڪلون خزانا ڪيئن ڦرجن
هاڻي ته ڪا ڳن به ڪونهي
اکيون ۽ دليون ڪيئن هٽجن هٿ ۽ نظرون ڪيئن وڃجن
هاڻي ته اهڙو فن به ڪونهي
پلاٽ ۽ پوسٽون ڪيئن وٺجن ٺيڪا ۽ ٽڪيٽون ڪيئن وٺجن
هاڻي ته اهڙو تن به ڪونهي
پير ۽ ترا ڪيئن ڪيجن پنيون ۽ ونيون ڪيئن کسجن
پتا ۽ چندا ڪيئن وٺجن يور ۽ دشمن ڪيئن دسجن
هاڻي ته اهڙو فن به ڪونهي
ملهون جنگيون ڪيئن وڙهجن يار ۽ دشمن ڪيئن جهلجن
سندرا پٽڪا ڪيئن ٻڌجن پيرا ۽ چنگهون ڪيئن ڪٽجن
هاڻي ته اهڙو فن به ڪونهي
جن ۽ ڀوتا ڪيئن ڪيجن خواب ۽ ستارا ڪيئن پسجن
هاڻي ته اهڙو علم ئي ڪونهي
نوڪريون ۽ چوڪريون ڪيئن ملن رشتا ناتا ڪيئن ڳنڍجن
هاڻي ته اهڙو عقل ئي ڪونهي
مکڻ ماکيون ڪيئن کائجن راڳ ۽ گانا ڪيئن ڳائجن
قصا ڪهاڻيون ڪيئن ٻڌجن حال احوال ڪيئن وٺجن
هاڻي ته اهڙيون خوشيون ئي ڪونهن
ٺڏا ٺورا ڪيئن لاهجن محل ماڙيون ڪيئن ناهجن

پٽ پٽيهر ڪيئن پائجن عطر ميندين ڪيئن لائجن

هاڻي تہ اهڙو روزگار ٿي ڪونهي

(23) ڏينهن ۾ 10 دفعا مٽ گرم ٿئس ٿي پوءِ بہ قلو ڪٿا نہ!

ها، ڪيسو گرم ٿيڻ تي بہ سڙندو نہ آهي

بسترو گرم ٿيڻ ۾ مزو ايندو آهي

بازار گرم هوندي آهي پوءِ بہ سي لڳندو آهي

باهہ بنان محفل بہ گرم ٿيندي آهي تہ بدن بہ.

گلو ڪنجڻ بعد بہ گهمندو ئو وتي!

ها، ڪيسو ڪنجي ويس بہ ڪو نقصان نہ ٿيس.

منڊي ڪنجي وين بہ نہ رت وهي نہ سور ٿيو نہ پوليس آئي

نڪ ڪنجڻ بعد بہ سڌري ٿي نہ.

(24) چنڊ ڪي ماني ڪارائجي! (ڪيئن)

ڪي چنڊ تي چڙهن، ڪي چنڊ ڪي هٿ لائن، ڪي چنڊ سان شادي ڪن،

ڪي ڪنڊ ڪي ماني ڪارائن تہ ڪي مکڻ ڪي

ڪي رڪ ڪي ماني ڪارائن تہ ڪي پلال ڪي

ڪي شير ڪي پالن ڪي حور ڪي

ڪي پريءَ سان سمهن تہ ڪي جنت سان

شينهن ڪلهي چڙهي وٺي!

ڪي شينهن تي سواري ڪن، ڪي شينهن ڪي مکو هڻن، ڪي شينهن تي ٺپا هڻن،

ڪي شينهن ڪي دٻي ۾ وجهن تہ ڪي پڃري ۾ بند ڪن.

(25) ورهائڻ سان ڪٽي ٿي نہ! (ڪيئن)

نہ رڳو علم پر مرڪ بہ، مٺو بہ ڪائڻ سان نہ ڪٽي

پلاءُ پچائبو پر ڪائبو نہ، قلعو اڏبو پر رهبو نہ.

مترو چٽا بہ ڀيلجن تہ پلا ٿين.

ٿورن لاءِ به پوري ته گھٽن لاءِ به !(دال)

ها ساڳي اس، هوا ۽ روشني جيتري ٻن لاءِ کپي اوتري ٻارهن لاءِ

هڪ وڻ جي ڇانوَ هيٺان 10 ماڻھو به ويهن ته 20 به

هڪ استاد وٽان هڪ وقت ۾ 5 به پڙهن ته 15 به.

هڪ مرشد وٽان 10 به فيضياب ٿين ته 100 به.

(26) دل سڙي ته دونهون نه نڪري! (ڪيئن)

ها دل ٽٽي به آواز نه وري ڳنڍجي ٿي نه.

ڪڏهن خواب ٽٽن ڪڏهن گلاس، ڪڏهن رڪارڊ ٽٽن ڪڏهن سگنل

ڪيترو به ڪاءِ ڊٺو نه ٿئي!

ها اس، هوا، مار، چڪر، لوڏا، گاريون وغيره ڪائڻ سان ڊٺو نه ٿيندو.

حرام خور لالچي جي به بک ختم نه ٿئي.

ڪن ڪائڻ، مغز ڪائڻ، ڏک ڪائڻ، نقصان ڪائڻ، حق ڪائڻ سان به ڊٺو نه ٿيندو.

(27) ماڻڪ موتي ڇا ۾ رکجن، اهڙو ٿانءُ به ڪونهي!

حساب ڪنهن کان سکجن، ڪنهن کي ڏانءُ به ڪونهي

امانتون ڪنهن وٽ رکجن، ڪو ابڙو به ڪونهي

سر ڪنهن کان گھرجن، ڪو راءِ ڏياج به ڪونهي

پنهن جا ملڪي ڪيئن مارجن، ڪو ڪمانڊو به ڪونهي

مال خزانا ڪيئن لٽجن، پنهنجو نانءُ به ڪونهي.

(28) اتڪلون ڪنهن کان سکجن، اهڙو ڪانءُ به ڪونهي!

لٽيل خزانا ڪيئن موٽائجن، اهڙو جج به ڪونهي

اليڪشن ۾ سيٽون ڪيئن کٽجن، اهڙو شهيد به ڪونهي

ڏک سور ڪنهن سان سلجن، اهڙي ڇانو به ڪونهي

تقريرون ڪنهن جون ٻڌجن، اهڙو ٻٽو به ڪونهي

انڪار ڪنهن کان ٻڌجن، ڪو جالب به ڪونهي!

# باب ٽيون: اجايو ۽ ڏکيو

(1) انڊيا ۾ هڪ ايڊيٽر صحافي عورت سان ڏاڍائي ڪئي! (اجايو الزام)

ظاهر ڳالهه آهي جيلر قيدي عورت سان، استاد شاگردياڻي سان، جعلي پير مريدياڻي سان، آفيسر سيڪريٽريءَ سان، مالڪ نوڪرياڻي سان، فلمي ڊائريڪٽر ائڪٽريس سان، ڏاڙيل بانڊياڻيءَ سان، غازي ٻانهيءَ سان، پوڙهو دولت مند غريب نوجوان عورت سان (نڪاح وجهي) شهيد حورن سان، پاڳيا چورن سان، نوڪر فقيرياڻيءَ سان ۽ نواب ڳائڻيءَ سان ڏاڍائي نه ڪندو ته پيو ڪنهن سان ڪندو.

هڪ ڊڪٽيٽر عدالت ۾ چئي ٿو ته آئين ٽوڙي ملڪ بچايو آ! (اجايو الزام)

ائين ته چور به چوندو ته ان چوري ڪري 10 ياتين کي بک مرڻ کان بچايو آهي.

قاتل لاءِ وڪيل پيسا وٺي چوندا ته مقتول کي بهشت موڪليائين.

جعلي پير جا چيلا به چوندا ته سندن مرشد خواب ۾ آپريشن ڪري 100 مان 10 مريضن جي جان بچائي آ بس يقين ڪامل هجي.

(2) هڪ مرد جي دعويٰ آهي ته بيوهه سان رات گذاري مان ڪيس سڪون به پهچايو ۽ سندس ٻچن کي بک مرڻ کان بچايو! ثواب ڪمايم يا گناهه؟ (اجايو پڪڙ)

بلڪل ساڳي طرح تواريخ نويس، شاعر، وڪيل ۽ نچڻ ڳائڻ وارا به اهڙي دعويٰ ڪندا آهن. سيني شاگردن کي A گريڊ ڏيڻ وارن استادن ۽ پوسٽن کان زياده نوڪرين جا نقلي آرڊر ڏيڻ وارن خواهه تعويذ ۽ ڪاري علم وارن وٽ به ساڳيا دليل آهن.

هڪ چور دعويٰ ڪئي ته فريادي سندس خلاف صرف 2 شاهد پيش ڪيا آهن حالانڪ هو 20 شاهد پيش ڪري سگهي ٿو جيڪي چوندا ته انهن ڪيس چوري ڪندي نه ڏٺو.

ائين ته زاني کي زنا ڪندي ڏسڻ وارا شاهد به نه ملندا آهن. ڊڪٽيٽر جي حق ۾ شاهدي ڏيڻ وارا تمام گهڻا ملندا آهن جيڪي چوندا ته سندس دور ۾ سياست دانن جي مقابلي ۾ ڪرپشن گهٽ ۽ امن وڌيڪ هيو. ڊالر جي قيمت مستحڪم ۽

آمريڪي امداد جهجهي هئي.

(3) هاٿي ڏاڙيل ولرن جي صورت ۾ گهمن ٿا!

ٻگهڙ ۽ سوئر اڳي ولرن جي صورت ۾ گهمندي ڏسبا هئا ته انهن لاءِ ڪتن جي لوڌ ڪافي هئي. پکين جي ولرن ۾ تـوبچي نشانو وٺندا هئا پر ڏاڙيل پاليل آهن ڏاڍن مڙسن جا تن جو نالو ڪير وٺي؟

ڊاڪٽر موهن داس فرمايو ته ماڻهن جون اکيون اسان هندن جي ملڪيتن تي آهن! (اجايو ڊانهون)

اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي. ڪمزورن جي جان، مال ۽ عزت اصل کان وٺي طاقت ورن جي نظرن ۾ هوندي آهي پوءِ ڪنهن قانوني رنگ ڏئي قبضو ڪيو ويندو آ ته ڪٿي ڏاڍ مڙسيءَ سان (وڏي مڇي ننڍي مڇي کي هڙپ ڪندي آهي).

ڪوهه نور هيرو هجي چاهي تخت طائوس، سنڌ جون زمينون هجن چاهي بلوچستان جي سئي گئس، سڀ هضم. (ياري يا يائري)

جانورن جون اکيون گاهه تي، سياست دانن جون اقتدار تي، پيرن (جعلي) جون مريدياڻين تي، پکين جون داڻي تي، مڇين جون چاري تي ۽ ٻليءَ جون ڪوئن تي هونديون آهن.

(4) هڪ بنگالي بابا جي دعويٰ ته هر تمنا پوري ڪندو: پنهنجي نه سوالين جي!

معلوم ٿيو ته پاڻ عشق ۾ ناڪام رهيو ته شادي نه ٿيس ان ڪري اولاد به نه اٿس، روزگار نه هجڻ ڪري جاءِ به نه اٿس ۽ پيٽ پالڻ لاءِ اهو ڪاروبار ڪندو آهي (جاتي لوبي اتي ٺوڳي). خدا کان سواءِ جن ٻين کي مدد لاءِ پڪاريو آهي سي گهٽي ڪري سڃا ۽ بي اولاد هوندا آهن.

رياضيءَ جي فارمولن کي ڏسي انساني دماغ ۾ خوبصورتيءَ جو اهڙو احساس پيدا ٿيندو آهي جهڙو ڪنهن شاندار فن پاري کي ڏسي! (اجايو وهم)

خبر نه آهي اهي ڪهڙي قسم جا انسان آهن، هتي ته 99 سيڪڙو شاگردن کي فارمولا ڏسي مٿي ۾ سور پوندو آهي ۽ رياضي دانن کي پٽيندا آهن.

(5) واڳون آهي تہ پاڻيءَ جو جانور پر وڻن تي چڙهي ويندو آهي!

چئبو تہ ان سواليءَ جو جواب درست هيو جنهن چيو تہ درياهہ کي باهہ لڳندي تہ مڇيون وڻن تي چڙهي ويندیون. خوامخواه ان سواليءَ تي نہ کلو.

چمڙو آهي تہ پکي پر انڊن بدلي ٻچا ڄڻيندو آهي

شيطان آهي تہ باهہ جي پيدائش پر هيو ملائڪن جو بہ استاد.

بہ ۽ بہ ٿيندا چار چوڻ واري کي نوڪري نہ ملي! (اجايو ضد)

چو تہ بہ ۽ بہ ڪڏهن 8 بہ ٿيندا آهن (سيهڙ، وقت گذرڻ سان) ڪڏهن تي بہ ٿيندا آهن (صوف، ڪاٽڻ سان)، ڪڏهن پاويهہ بہ ٿيندا آهن (گڏوگڏ رکڻ سان).

مطلب تہ صرف هڪ طرفو (جوڙ) نہ سوچجي.

(6) هڪ دفعو ڊڪٽيٽر کي سزا ملي تہ پوءِ!

عوام اٿي کڙو ٿيندو ۽ مطالبو ڪندو تہ انهن ججن کي بہ سزا ڏيو جن فرد واحد کي آئين ۾ تبديلي ڪرڻ جو حق ڏنو هو (ڊوڊو پچي بيو بي اچي!) (اجائي اميد)

پوءِ تہ ڊڪٽيٽر جا حامي سياستدان، اٿنڪر پرسن ۽ وڪيل بہ پاڻ مرادو هٿ ڪڙيون هڻڻ جو مطالبو ڪندا (آخر تہ ضمير جاڳي پوندن) تہ جيئن ڪيل گناهن جو ڪفارو ادا ڪن. پڌايو تہ ڪهڙو پٽيلو پير، مولوي، يا سردار بچندو؟ قرض ڪير معاف ڪرائيندو، بحريہ ٽائون ۽ ڊفينس وارن کي ڪير زمينون الاٽ ڪندو؟

اهڙا استاد ميرٽ تي پرتي ڪيا ويا آهن جيڪي ڪلاس بہ وٺن ٿا، ڪاپي بہ نہ ٿا ڪرائن ۽ ٽيوشن سينٽر بہ نہ ٿا هلائن!

اهي تہ قُرب قيامت جون نشانيون آهن. خبر نہ آهي ڪهڙي ملڪ جي ڳالهہ آهي. شايد ان ملڪ ۾ بدلي لاءِ اڌ لک، بلن تي پنجاهہ سيڪڙو پوسٽنگ لاءِ هڪ لک ۽ آرڊر لاءِ پنج لک روپيہ نذراني جو رواج نہ هوندو. ٽيسٽن ڪليئر ڪرڻ بعد بہ پوسٽنگ لاءِ انتظار نہ ڪرڻو هوندو.

(7) ڊاهڻ سولو آ پر ٺاهڻ ڏکيو آ!

بيشڪ جيئن جمهوريت لاءِ اليڪشن ڪرائڻ، ڌانڌلين جي الزامن کي منهن ڏيڻ،

اڪثريت حاصل ڪرڻ لاءِ جوڙ توڙ ڪرڻ سخت مشڪل ڪم آهن پر ڪو خاڪي وردي وارو T.V تي اچي سياست دانن تي الزام هڻي اڌ ڪلاڪ اندر سڄي سسٽم جي تڏا ويڙهه ڪري ويندو آهي. ساڳيءَ طرح خرچ ڪرڻ سولو پر جمع ڪرڻ ڏکيو آ.

تنقيد ڪرڻ سولي پر تخليق ڏکي آ!

واقعي ٻين جي لکئين تقريرن، فن پارن ۽ مقالن مان نقص ڪڍڻ سولو آ پر پاڻ ڪو شاهڪار ڪتاب، ناول، يا افسانو لکڻ ڏکيو آ.

ڍاڙهڻ سولي آ پر ڏاڍن مڙسن کي انڪار ڪرڻ ڏکيو آ.

پيار ڪرڻ يا دوستي رکڻ سولي آ پر نڀائڻ ڏکيو آ. هڪ انجنيئر وائيس چانسلر اڳي ٺهيل عمارتن مان نقص ته ڪڍيا پر پاڻ هڪ به بلڊنگ نه ٺهرائين متان ٻيا ان مان نقص ڪڍن.

(8) نانگ به مري لٺ به بچي!

هن وقت ان جو مثال جنرل پرويز مشرف کي غداري ڪيس ۾ سزا ڏيڻ جو آهي.

گهڻن ڌرين جي خواهش آهي ته ڪيس سزا ملي پر ٻليءَ کي آخر گهنڊڻي ڪير ٻڌي؟

PPP وارن کي پنهنجن پنجن سالن جي حڪومت دوران همت نه ٿي.

آخر نواز شريف جي حڪومت کي فيل ڪرڻ لاءِ سابق جنرل خود بخود اچي ملڪ ۾ وارد ٿيو. (آ بيل مجهي مار) پر ڪير جو ڪاٺل ڇائي ڦوڪي ڪائي وانگر نواز شريف به سڄو ڪم عدليه ڪان ڪرائڻ چاهي ٿو جيئن ضياءُ الحق ڀٽي مرحوم لاءِ ڪيو هو.

سئو وڃي پر ساءُ نه وڃي!

پراڻي دور ۾ وفاداري، نمڪ حلالي ۽ دوستي نڀائڻ يا واعدي کي اهميت هئي.

جيڪو زبان جو ڪوڙو سو تخم جو ڪوڙو تنهن ڪري راءِ ڏيا ج واعدي مطابق ٻيجل کي سر ڏئي سرهو ٿيو.

ڪروڙ وڃي پر قرب نه وڃي، پدم وڃي پر پريت نه وڃي، لاوين ته توڙ نڀاوين به مشهور پهاڪا آهن پر اڄ ڪالهه بلڪل ابتڙ آهي (رات گئي بات گئي) ڪم لٿو ڍڪڻ وسريو. پارٽين جي باني ميمبرن کي به نيڪالي ۽ جنهن کي ڏيڏي ڪوئن چوراُن جي پٺ ۾ هٽن.

(9) اگهي ته پاءُ نه ته مٽن کي موٽ!

اهو سڀ نيت تي منحصر آهي ۽ قبوليت جي گھڙي تي به.
بهلول بزرگ نعرو ہڻي هنيو ته ڏهن درهمن ۾ ڪو جنت جو محل وٺي.
خليفه هارون رشيد جي زال زبيده کيس ڏه درهم ڏنا ته رات جو خواب ۾ محل ڏٺائين.
ان بزرگ ٻئي ڏينهن خليفي کي هزار درهمن ۾ محل جي هڪ سر ڏيڻ کان به انڪار ڪيو.
منهن ڏسي مٺائي گھرجي. اسر وقت اٿي رب کان روئي ٻاڏائي گھربو ته ٻيڙا پار.
ڪي عين اليقين تي هلن يعني اکين ڏٺي تي اعتبار ڪن. ڪي علم اليقين تي هلن يعني سوچي سمجهي دليلن وسيلي، ڪي وري غيب تي ايمان آڻن.

(10) ڪڏهن زال ڏاڍي ڪڏهن مڙس!

ڪڏهن فوج زور ته ڪڏهن عدليه، ڪڏهن صدر زور ته ڪڏهن وزيراعظم.
ڪڏهن پٽن هوندي ڏيءِ گادي نشين ته ڪڏهن پوٽن هوندي ڏوهٽو.
ڪڏهن ٿورا به گھڻن کان کٽي وڃن (ارادي جي قوت ۽ هنرمندي سان).
ڪڏهن حساب سولا لڳن ته ڪڏهن جاميٽري.

ڪڏهن زردو پلاءُ به نه وڻي ته ڪڏهن بصر به مٺو لڳي (بک ۾)!

ڪڏهن هڪ سرڦريو جج چئن فل جنرلن کي انڪار ڪري ته ڪڏهن وڏا چوڌري، نواب ۽ ارباب هڪ جنرل جي اشاري تي هلن ۽ وڏا سردار صاحب جي بگيءَ کي گھوڙو ٻڌجي هڪلن.

(11) ڪنهن کي گھٽ نه ڄاڻ جي پانئين پلو پنهنجو!

واقعي ننڍو سوراخ جهاز کي ٻوڙي، ننڍو پٿر انسان کي ماري، چٽنگ مان باه ٻري، زوڻ مان ٻوڏ اچي. ڦڙي ڦڙي تلاءُ.
پاڻيءَ جو ٽيپو پٿر کي ڳاري. زبان به آهي ننڍڙي پروه جي ڳنڍڙي.
شيطان به تا قيامت لعنتي ان ڪري ٿيو جو مٽيءَ جي پيدائش کي باهه جي پيدائش کان گھٽ سمجهيائين.

ڇا دال ڇا بسم الله!

اسان وٽ دال کي گوشت ۽ سبزين جي مقابلي ۾ گھٽ تصور ڪيو ويندو آهي.

لڙائي بنان دنيا جو قيمتي هيرو ملي، (پڳون متائڻ سان)
هر بنان ڦر ملي، جيئن وار، ننهن، جهنگلي، ميوا ۽ پکي ملن
حرام ڦري حلال ٿئي!
ها پر حياتي بچائڻ خاطر مريض لاءِ يا بکايل لاءِ
بيوه سان نڪاح جائز (عدت گذرڻ بعد)
پرايو مال مالڪ جي اجازت بعد.
باني خريد ڪرڻ بعد. يا مال غنيمت (جهاد بعد)
(15) جاءِ ڍاهڻ سولي آ ٺاهڻ ڏکي آ!
(Rome was not built in a day)
جيئن جمهوريت ختم ڪرڻ سولي آ قائم رکڻ ڏکي آ.
باهه ٻارڻ سولي آ وسائڻ ڏکي آ، چوڻ سولو آ ڪرڻ ڏکيو آ.
جنگ شروع ڪرڻ سولي آ بند ڪرڻ ڏکي آ.
تنقيد ڪرڻ سولي آ تحرير ڏکي آ. وٺڻ سولو آ ڏيڻ ڏکيو آ.
دولت کپائڻ سولي آ ڪمائڻ ۽ گڏ ڪرڻ ڏکي آ، لٽڻ سولو آ پوکڻ ڏکيو آ.
چٽڻ سولو آ (شايد) نپائڻ ڏکيو آ، وجهڻ سولو آ ڪڍڻ ڏکيو آ.
سوال پڇڻ سولو آ جواب ڏيڻ ڏکيو آ!
گجهارت ڏيڻ سولي آ پر ڀڃڻ ڏکي آ، پنڻ سولو آ هاريو ڏکيو آ.
پڙهائڻ سولو آ پر سمجهائڻ ڏکيو آ، پڙوت ڪرڻ سولي آ محنت ڪرڻ ڏکي آ.
هارائڻ سولو آ پر کٽڻ ڏکيو آ، چنڻ سولو آ ڳنڍڻ ڏکيو آ.
وڪڻڻ سولو آ خريد ڪرڻ ڏکيو آ، دوستي رکڻ سولي آ نڀائڻ ڏکي آ.
(16) ميلاپ ڏکيو آ!
تون آن سون مان چاندي! تون آن سوار مان پانڌي!
تون آن آزاد مان باندي تون آن غريب مان شهزادي
تون آن جبل مان وادي تون آن جناح مان گانڌي
تون آن روپيو مان آڌي تون آن خاموش مان آنڌي

تون آن ڪنل مان واڌي   تون آن گهوٽ مان ڪانڌي
تون آن رذل مان وانڌي   تون آن نر مان مادي
تون آن وائي مان بادي   تون آن چالاڪ مان سادي
تون آن مس مان دادي   تون آن خوش مان ماندي
تووٽ ڪيئي مون وٽ ڪاتي   سنڌ ناهي گدڙن ڪاڏي

(17) مقابلو ڏکيو آ!

درزيءَ جي ايمان ۽ ڪئنچيءَ جو، خطيب ۽ ذاڪر جو
حجم جي زبان ۽ ڪئنچي جو، شريعت ۽ طريقت جو
ڊگري ۽ چاڻ جو، حسن ۽ ايڪٽنگ جو
جج وٽ قانون ۽ انصاف جو، پير جي دعا جي اثر ۽ ڏن جو
وڪيل جي قابليت ۽ فيس جو، ڊاڪٽر جي علاج ۽ ٽيسٽن جو
قرآني آيات، قصن ۽ ڪهاڻين جو، رشوت ۽ سفارش جو
سياسي ڪوٽا ۽ ميرٽ جو، وردي ۽ ڪاري ڪوٽ جو
اليڪشن ۽ سليڪشن جو، شفافيت ۽ ڌانڌليءَ جو
سياست دانن جي واعدن ۽ ووٽرن جي يقين جو
ناچڻيءَ جي ادائن ۽ ناظرين جي جيبن ۾ پئسن جو

(18) نہ ڪجن!

(الف) مرون نہ ڌارجن، وچون نہ پالجن، ڌاڙها نہ مارجن، پار نہ ڪارجن
گڏهہ نہ چارجن، آليون نہ پارجن، وات نہ ڦاڙجن، هانو نہ ڳارجن
هنجون نہ هارجن، بنڌ نہ ڏارجن، گاريون نہ ڪائجن، ڪپڙا نہ ڦاڙجن
(ب) دسجن نہ نر، پٽجن نہ پر، ڪهجن نہ ڦر، ٽپجن نہ در
ساڙجن نہ شهر، ملائجن نہ بحر، تپائجن نہ تر، ڦٽائجن نہ گهر
گهمجن نہ بر، وجهجن نہ ور، ڪچجن نہ جر، رهائجن نہ شر
ٽنائجن نہ زر، پوکجن نہ سر، چارجن نہ ڪر

## باب چوٿون: ڪاهي پوڻ، جيئن وٽي، جاچڻ

### (1) اچڙي ترِ ۾ ڪارو ڏڪار ڪاهي پيو!

مشهور آهي ته "حور جي بغل ۾ لنگور". هونئن به سائنس جو اصول آهي ته مخالف پول هڪ ٻئي کي ڇڪيندا آهن. افسوس اهو آهي ته ڏڪار اچو نه ٿيندو آهي. البته اڇڙي ٿرجو نالو بدلائي "ڪارو ٿر" رکجي ته شايد ڪاري ڏڪار جي ڪاهه کان بچي وڃجي جيئن چولستان بچيل هوندو آهي. قدرت ته ان علائقي تي مهربان آهي جو اتان "ڪارو سون" مليو آهي باقي حاڪم به جڏهن مهربان ٿين.

اسلام آباد جي عدالتن ۾ سوئر ڪاهي آيو!

اڳ ۾ به سپريم ڪورٽ جي عمارت تي هڪ پارٽيءَ جا ورڪر ۽ ڪجهه وڪيل ڪاهي آيا هئا.

خاڪي وردي ۽ لانگ بوٽن وارا به صدارتي ۽ وزيراعظم هائوس تي ڪاهي ايندا آهن. دهشتگردن به پنهنجو وارو وڃايو آهي، باقي رهيل ڪسر سوئر پوري ڪئي.

### (2) گهرن ۾ پاڻي ڪاهي آيو!

ڪيترا ته خوش نصيب آهن. ٿرين ويچارن کي پيئڻ جو پاڻي به نه ملي. ڪن کي پوکي راهي جو به نه (ڪٿي ڍور سڃا ته ڪٿي چور).

پاڻي برسات جو هجي، ٻوڏ جو چاهي گٽرن جو هڪ دفعو جنهن گهر ۾ ايندو ته نڪرندو نه ڇو ته بجلي هوندي ته پاڻي ڪڍڻ واري موٽر نه هوندي ۽ جيڪڏهن موٽر هٿ ايندي ته بجلي نه هوندي.

مئٿس ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا لاءِ شاگردن جي رش! (ڪاهي آيا)

اڳ ته ان شعبي جي نالي کان به شاگرد ڇرڪندا هئا. هاڻي يا ته سيکارڻ وارا تمام سٺا آهن جيڪي رياضيءَ کي گهوٽي پيارن ٿا يا تمام مهربان آهن.

ڇوڪرين جو تعداد به ڳجهو آهي. اڳي تفريح خاطر آرٽس بلاڪ يا زولاجي ۽ باٽني وڃڻو پوندو هو هاڻي اهي پاڻ IMCS ايندا آهن. ڪمپيوٽر سکڻ ۽ اکيون ٺڏيون ڪرڻ.

سيمسٽر سسٽم ۾ سٺو گريڊ کڻڻ ته ائين آهي جڻ حلوو کائڻ (بس ڪنڊ ۾ گيهه ساڻ هجي).

(3) نشي ۾ ڌت سپاهي غريبن جي جهڳين ۾ ڪاهي پيو!

جيئن ڪڏهن گهرن ۾ چتو ڪتو ڪاهي پوندو آ، فصل ۾ مال، ڌاڙي تي مچريل هجوم يا راند جي ميدان ۾ شائقين ڪاهي پوندا آهن.

سپاهي به پاڻ کي سانڍ پئي سمجهيو پر جهڳي نشينن اهڙي حالت ڪيس جهڙي ٻرڙي ڪئي ٻارن سان يا فقير ڪئي چور سان (جنهن غلطيءَ وچان ڪاٺ هٿي چنگهون اندر وڌيون هيون).

امتحان هلندي هال ۾ اميدوارن جا مددگار ڪاهي پيا!

طاقت ۽ گهٽائي جي زور تي ڪاهه ڪرڻ ڪا نئين ڳالهه نه آهي. اصل خبر ته تڏهن ٿهندي جڏهن اميدوارن کي خود غيرت ايماني اچي ۽ اهي هال ۾ زوري داخل ٿيندڙن کي ڪنڪو ڪڍن.

(4) سوٽي هجي ساڻ ته گڏهه گوهي نه ڪري ورنه مرضي سان ڪاهي پئي، ~~اوڏانهن ڪاهي پئي~~.

بلڪل درست، ايوب خان ۽ ضياءُ الحق جي وردي عرف سوٽيءَ سبب وڏا وڏا زميندار، جاگيردار ۽ چوڌري سندن پٺيان پڇ لوڏيندا هئا ۽ پرويز مشرف جيئن وردي عرف شينهن جي کل لاٿي ته سندس ڇا حشر آهي.

هڪڙو هٿين خالي جج به ٿن چئن فل جنرلن ڪان زور تي ويو! (GHQ ۾ ڪاهي پيو).

ها خدا به چئي ٿو ته ڪيترا دفعا ننڍا ٽولا وڏن وڏن طاقتور ٽولن تي حاوي ٿي ويندا آهن: جڏهن دل ٻڌن ۽ خدا جي مرضي. ذوالفقار ڀٽي به فيلڊ مارشل ايوب خان وارن کي ۽ بي نظير ڀٽو به جنرل مشرف وارن کي للڪاريو.

(5) سياستدانن جي چمچن جي گهرن ۾ چمچا به سونا! (سون ڪاهي پيو)

جعلي آرڊرن ۽ ٺيڪيدارن جا بل پاس ڪرائڻ وسيلي مال به ته جهجهو ٿيو هوندو (نه ڪو پٿو نه ڪو پولو). زمينون، پلاٽ، شگر ملون به.

(6) مئٽس ۾ داخلا نه وٺجانءِ باقي پيو جنهن ۾ وٽيئي!

اها هدايت 1980ع کان اڳ هر ڪو مائٽ پنهنجي اولاد کي ڪندو هو۽ هر پراڻو شاگرد نئين شاگرد کي ڪندو هو. بعد ۾ ڪمپيوٽر سبب ۽ ڪن رياضي دانن جي مهربانين سبب قصو الٽو ٿي ويو. سپ ڪان سولو ۽ سپ کان وڌيڪ ڪارآمد سبجيڪٽ مئٿس آهي. A گريڊ ۽ هاءِ اسڪول ٽيچري ته پڪي.

قاهو نه ڪائجان۽ پيو جيڪو وٽئي سو ڪا۽!

اڳيان ڊاڪٽر پرهيز گهٽ کان گهٽ ڪرائيندا هئا (چرٽا نه مرٽا).

هاڻي چون ٿا مرچ گهٽ ڪائو (بواسير)، لوڻ گهٽ ڪائو (بلڊ پريشر)، کنڊ گهٽ ڪائو (شگر)، گوشت ۽ سٽپ نه ڪائو (تولهه ۽ ڪولسٽرول). شايد هاڻوڪا ڊاڪٽر اهي سپ شيون پنهنجي لاءِ رکڻ گهرن ٿا.

(7) پير ۽ زميندار کي سڱ نه ڏجو پيو جنهن کي وڻي!

وڏڙا اها نصيحت ڪندا هيا چو ته پوءِ حويليءَ جي درتي نياڻيءَ سان ملاقات نصيب ٿيندي هئي. پر هاڻي اهي پير به نياڻين کي پڙهائن ۽ پرڻائن ٿا.

باقي ظاهر آهي ته اٿي ويهڻي ۽ مان مرتبي جو فرق ته رهندو

پوڙهي ۽ بيروزگار کي به سڱ نه ڏجي.

چور ۽ راشي آفيسر کان به پري پڄجي.

چا نچڻي چا نقاب! (شروع ۾ پردو پوءِ جيڪو وڻي)

درحقيقت لڪل شئي تان آهستي آهستي پردو هٽندو ويندو ته وڌيڪ مزو ايندو آ. ان ڪري محفل شروع ڪرڻ وقت نچڻين کي نقاب پاتل هوندو آ ۽ پوءِ جلوا ڏيکاريندڙيون آهن.

بلڪل ساڳيءَ طرح هر ليڊر ۽ آمر کي به شروع ۾ ڪونه ڪو نقاب پاتل هوندو آهي ڪن کي اسلام پسنديءَ جو، ڪن کي پاڪستان سان محبت جو، ڪن کي ڪرپشن ختم ڪرڻ جو ته ڪن کي غريبن سان همدرديءَ جو (پاڻ وٽ اربين روپين جا محل، ڪارخانا ۽ لکين ڊالرن جا هار).

(8) اسان ڏسون ٿا پر الله نه ٿو ڏسي! (مالڪ آ جيئن وڻيس)

ها بلڪل اسان خواب ڏسندا آهيون پر الله پاڪ نه ڏسندو آهي. ساڳيءَ طرح اسان

جڄن آمرن کي حڪومت ڪرڻ جي حق سان گڏ آئين ۾ ترميم جو حق به ڏنو.
نتيجو: جڄن کي نظربند ڪيو ويو ۽ ٻيهر قسم کڻڻ جو پابند ڪيو ويو.
ذوالفقار علي ڀٽي ۽ نواز شريف سينئر جنرلن جا حق ماري جونيئرن کي آرمي چيف بڻايو. نتيجو: دنيا کي خبر آهي.

(11) ننڍو ڀاءُ نه ٿجي ڀيو جيڪو وڏي!

"سگ باش برادر خوردمَ باش" يعني ڪتو ٿي پر ننڍو ڀاءُ نه ٿي،
ساڳئي طرح چريو ٿجي پر چوٽ نه، ٻڙوو ٿجي پر گانڊو نه، چمچو ٿجي پر ڪپ گير نه، غريب جو نه ڪو سالو ٿئي نه ڪو پيٽڙيو.

جعلي دوائون نه وڪڻ ڀيو جيڪو وڏي!

ڇو ته جعلي دوائون صحت لاءِ سخت نقصانڪار آهن، جعلي ڊگريون ۽ نوڪرين جا جعلي آرڊر ايترا نقصانڪار نه آهن، جيترا هٿيار ۽ نشيدار شيون.

(12) ماستر نه ٿجو ڀيو جيڪو وڏي!

ڏسو زماني جا رنگ. ويزا، ٽائيم اسڪيل ۽ وئڪيشنون خواهه ميڊيڪل بلن سبب هاڻي ڊاڪٽر ۽ بئنڪن وارا ملازم به چون ٿا ڪاش ماستري ملي.
اڳي تپيداري جي خواهش هاڻي خزاني آفيس جي
اڳي پوليس ۾ صوبيداري پسند هاڻي فوج ۾ صوبيداري ڪپي
اڳي ڪسٽم هاڻي بلديات ڪپي

سوئر نه کائجو ڀيو جيڪو وڏي!

وياج کائجي پر بئنڪ جو،
رشوت کائجي پر ان جو ڪم به ڪجي
يتيمن جو مال کائجي پر ڪو سبب بڻائي
حرام کائجي پر هٰذامن فضل ربي سمجهي

(13) بنديون جاچي ته ڪتل واٺيو ڪاپيون جاچي ته ممتحن!

موڪلون جاچي ته ماستر، وصيت جاچي ته وارث

فرج جاچي ته بکيو يا اڃو رستا ۽ کيٽ جاچي ته چور
پراڻا ڪتاب جاچي ته اديب، دڙا جاچي ته آرڪيالاجسٽ
ڪلون جاچي ته خدمت خلق، ملون جاچي ته پتي خور
ووٽر جاچي ته سياستدان، تارا جاچي ته هيئت دان
حسن جاچي ته قدردان، جسم جاچي ته نادان
اڪيون جاچي ته ڊاڪٽر، ڏند جاچي ته ڪاسائي
ڪيسا جاچي ته زال، پيٽ جاچي ته ماءُ
هٿيار جاچي ته سپاهي، ڪارتوس جاچي ته شاگرد
نبض جاچي ته حڪيم، سخي جاچي ته فقير
رڪارڊ جاچي ته نيب وارو فائيل جاچي ته حڪمران
فوٽو جاچي ته عاشق، ملڪيت جاچي ته معشوق
شيدي جاچي ته مير، خليفا جاچي ته پير
لوٽا جاچي ته ليڊر، پٽيلا جاچي ته ڊڪٽيٽر
ايجنٽ جاچي ته آفيسر، مال جاچي ته ڏهيسر

(14) بيماري ڪاهي پئي!

مينهن وسندو پاڻي بيهجي ويندو ته بيماري ڪاهي پوندي،
سياسي حڪمرانن ۾ قوت پوندي ته فوجي صدارتي محل تي ڪاهي ايندا
جنگي تياري ۾ سستي ٿيندي ته دشمن ڪاهي ايندو
گندگي هوندي ته مڇر ۽ مکيون ڪاهي پونديون
دولت جي حفاظت لاءِ طاقت نه هوندي ته ڌاڙيل ۽ ڌاريا ڪاهي ايندا

## باب پنجون: عجيب ڳالهيون ۽ نوان نالا

(1) علم انسان جي ٽين اک آهي!

عينڪ، ڪئميرا، دوربيني ۽ لٺ به اک جهڙائي ڪم ڪن ٿا. پاڻيءَ اندر به ۽ خلائن ۾ به.
علم انسان جي ٽين ڄنگهه به آهي ڇو ته علم وسيلي ريل، جهاز ۽ بيڙا ٿا هي
پري پري وڃي سگهون ٿا (لٺ وري منڊي جي ٽين ڄنگهه آهي)
علم انسان جو ٽيون ڪن به آهي. ڇو ته فون ريڊيو ۽ T.V ذريعي پري پري جا آواز
ٻڌي سگهون ٿا (آڱريون به ڊاڪٽر لاءِ ٽئين ڪن وانگر آهن).
علم انسان جو ٽيون هٿ به آهي ڇو ته هٿيار به علم جي زور تي ٺهن ٿا. (ڀائرن، اولاد ۽ وفادار
ساٿين کي به بازو ڪوٺبو آهي).

(2) اليڪشن ٿي ٿي نه پوءِ به صدر ٿي ويو.

نائب صدر هيو يا سينيٽ جو چيئرمين هيو سو صدر جي وفات بعد از خود صدر ٿي ويو.
ساڳيءَ طرح هڪ همراهه وڻ تي يا ڪوٺي تي چڙهيو ٿي نه پر اتان لٿو. (ڇو ته
هيليڪاپٽر تان ڪريو هو).
ليڪچر هڪ به نه ورتائين پر ڊائريڪٽر آف ڪاليجز ٿي ويو.
مضمون هڪ به نه لکيائين پر اديب يا چيف ايڊيٽر ٿي ويو (پريس جو مالڪ).
نالو شير خان پر ڪتي ڪان به ڊڄي ٿو. نالو بهادر خان پر جهرڪي به نه ماري.

(3) پيءُ جي خواهش مطابق پٽ ڊاڪٽر ته ٿيو پر علاج نه ٿو ڪري!

ڇو ته رياضي يا سنڌيءَ ۾ Ph.D ڪري ڊاڪٽر ٿو ڪوٺجي.
اڳي ته اهڙن پروفيسرن جي در تي ڊاڪٽر جي تختي ڏسي مريض رات جو به اچي ننڊ ۾
خلل وجهندا هئا.
بلڪل ساڳيءَ طرح پٽن لاءِ دعا گهرائي وئي ته وڏا ٿي عوام جي خدمت ڪن.
هڪ پٽ ٿيو سياستدان جنهن هزارين نوجوانن کي ڪوڙا آرڊر ڏئي خوش ڪيو ۽ ٻيو
ٿيو عمليات جو ماهر (دعا قبول ٿئي).
ڏيءَ جو نالو رکيائون راڻي ته جيئن راڄ ڪري ها واقعي لڪين دلين تي راڄ ڪري ٿي

(فلمي هيروئن بڻجي).

پٽ جو نالو رکيائون مشهور خان ته ٿيو مسخرو، رانديگر يا ڌاڙيل.

(4) امتحان ۾ ويٺو ئي نه پر سندس ملي ويس!

يارن سان کھڙا ليکا. کٿي کامريڊ، کٿي پيپلا، کٿي جماعتي ته کٿي حمايتي.

مدرسو سندس ڏاڏي ٺهرايو هو ۽ پرائيويٽ يونيورسٽي سندس پارٽيءَ جي هئي، اِن

ڪري ته چئبو آهي:There is no rule with out exception

درخواست ڏنائين پٽيوالي جي پر آرڊر مليس ماستريءَ جو!

چو ته همراهه جي سفارش زوردار هئي، قاعداعظم جي تصوير جو به سات ٿيس ۽ ياڳ

به پلا هيس جو ساڳئي نالي واري ٻئي همراهه جي جاءِ تي نوڪري ملي ويس (دال مان

سيرو) گھٽو اُڳي به ائين پڌڻ ۾ ايندو هو ته B.A واري کي B.E سمجهي انجنيئر

بنائيو ويو هو (چرپٽ راجا جي ديس وانگر).

(5) جنهن فيلڊ ۾ نه ڊگري نه تجربو ان ۾ ملي وڏو عهدو!

پلاان کاتي جي وزير کي ڇا ايندو آ؟ اتس کا ڊگري يا تجربو، کا ٿوم هوندس ته هي آفيسر

به بريفنگ ۽ ٽريننگ وسيلي سکي ويندو. اهڙا افلاطوني آرڊر نه رڳو صدر ۽ وزيراعظم کندا

آهن پر يونيورسٽين جا وائيس چانسيلر ۽ ضلعي ناظم به گھٽ نه آهن.

(6) (نوان نالا ۽ چوڻ):

بت تراشي کي چون فائن آرٽس! (سنگ تراشي نه)

بت پيچي هيرا جواهر مال غنيمت طور کٽي ويندڙ کي چون بت شکن.

ناچڻين کي چون ڊانسر ۽ مسخرن کي جوکر.

رشوت کي چون مٺائي يا هديه ۽ وياج آ تحفو کرپشن کي چون کميشن.

ڌاڙي کي چون طاقت جو مظاهرو ۽ چوري آ پيشو.

گويو آ سنگر، بغاوت آ انقلاب، اداکار آ هيرو.

مٺ گرم يا کيسو گرم ڪاڻن سان نه پر نوٽن سان ٿيندو (بسترو به گرم ٿي سگھي ٿو).

خدا کان گھرڻ بدلي پين کان گهرڻ آ وسيلو.
علم سيکارڻ بدلي ڊگري يا سند ڏيڻ آ رحمدلي.
(7) ينگ کي چون سائي پوني (آسمانن جا سير ڪرائي)!
اڳي قرض معنيٰ مرض هاڻي چون فرض (بئنڪن کان معاف ڪرائبو).
اڳي جنهن کي ڪوڙو، لالچي ۽ مطلبي چئبو هو ان سياستدان.
خوشامد ۽ چاپلوسي کي چون مکڻ لڳائڻ
ڪاپي ڪرڻ لاءِ نوٽس ڪارتوس.
جوا کي چون قرعه اندازي، وياج آ حصو
دلال کي چون ايجنٽ، قاتل آ قابل
ڦرڻي گهرڻي کي لوٽو چئبو هو هاڻي چون ماهر (هر وقت حڪمران).
(8) پري پيڙيءَ ۾ واڻيو ڳورو! (عجيب)
آئين نه الاٽي ڪيترن توڙيو هو ۽ انهن جا مددگار به گهٽائي هئا (جيڪي پاڻ يا سندن پويان هينئر عوام جا محبوب ليڊر آهن) پر وٽ پڪڙ رڳو پرويز مشرف خلاف.
شايد ان ڪري جو اڪبر بگٽي، لال مسجد، ججن، وڪيلن، طالبان، پيپلز پارٽي ۽ شريف برادران وغيره سيني سان ظلم ڪيائين.
اهڙيءَ طرح سنڌ يونيورسٽي ڪجهه پلاٽ گورنر هائوس جي ملازمن ۽ چيف منسٽر هائوس وارن کي تحفي ۾ پيش ڪيا ته بورڊ آف روينيو وارن گوڙ ڪيو (روئڻ کان سواءِ ته ماءُ به ٿبو نه ڏئي). تنهن ڪري انهن جي هڪ ليڊر کي هائوسنگ سوسائٽيءَ جو سيڪريٽري مقرر ڪين.
هاڻي ناني ورهائي ته ڏوهنا ڪائن.
(9) پلاٽ يا محل تحفي ۾ ڏيڻ رشوت نه چئبي!
هراها سوکڙي جنهن سان ڪنهن جو به نقصان نه ٿئي اهو تحفو آهي.
اها هڪ قسم جي POS 2 (ٽو پرسن زيرو سم گيم) آهي جنهن ۾ تحفي وٺڻ وارو ڪو وڏو ٺيڪو ڏيندو، ڪي قرض معاف ٿيندا يا ڪن خطرناڪ ڪيسن جا فائيل گم

ڪيا ويندا. بهرحال تحفن جي متاستا سان محبت وڌندي آهي.
اڳي به واپاري ۽ جاگيردار حاڪمن کي باقاعده دربار ۾ تحفا پيش ڪندا هئا (هيرا جواهر، مشڪ، ڪنيزون، غلام) پوءِ کين واپار جي اجازت سان گڏ تحفظ به ملندو هو. حاڪم به طاقتور جنرلن، عالمن، پيرن ۽ سردارن کي جاگيرون ۽ لقب (پنج هزاري، خان خانان) عطا ڪندا هئا.

(10) نوان نالا

بادشاهه بدلي صدر، وراثت بدلي ووٽنگ
ترار بدلي توپ، ڪاٺين بدلي گئس
خاصخيلين بدلي شيدي، خاص ملازمه بدلي سيڪريٽري
سند بدلي ڊگري، مدرسي بدلي ڪاليج
ساهوڪار بدلي بئنڪ، رٽائرمنٽ بدلي ايڪسٽينشن
پنڻ کي چون ڏن يا چندو!
عصمت فروشي آ جسماني ڌنڌو
فقير بنائڻ کي چون انڪم سپورٽ پروگرام
گڏجي سڌجي لٽڻ آ مفاهمت
ڌوهارين کي آزاد ڪرڻ کي چون مصلحت، رشوت آ مناٿي، پٺوت آ محنت

(11) گهٽ اشراف ڪميٺو زورا

جيئرو ته لک مري ته ويهه لک (رٽائرڊ ملازم)
وڏي ته ملهه به لک ننڍي ته پنج لک
ڳاڙهي ته ملهه ٽي لک ڪاري ته پنج لک (تجربيڪار)
وڏو گوشت 300 روپيا ڪلو ننڍو گوشت 700 روپيا ڪلو
وڏي مڇي 400 روپيا ڪلو ننڍي مڇي 200 روپيا ڪلو
313 زورٽين 1000 ڪان، اڳهي ته پاءُ نه ته مٽن کي به موٽ
چرين وٽ اوزار وڏا سياڻن وٽ ننڍا!

حورون انتظارڪن جنتيون مزا وٺن

ڏيءَ امتحان ۾ ڪامياب ته ٻن هزارن جي ساڙهي، پٽ فيل ته ٻن لکن جو رڪشو

ڪوٺا تي ماسترنيو ته پرائيويٽ امتحان ڏئي ٽائيم اسڪيل، وٺي 20 گريڊ تائين پهچي.

نوڪري ڳوٺ ۾، رهي ويزا تي

ڏهه لک روپيا ڀري خزاني ۾ ڪلارڪ يا صوبيدار ٿيو ته هر سال ڏهه لک ڪمائي.

(12)عجيب ڳالهيون (ڪي جيئرا ڪي مرن)

ڪي پورڻ سان جيئرا، ڪي پورڻ سان مرن

ڪي مٽيءَ سان جيئرا، ڪي مٽيءَ سان مرن

ڪي پاڻيءَ سان جيئرا، ڪي پاڻيءَ سان مرن

ڪي ڏڪ سان جيئرا، ڪي ڏڪ سان مرن (دهل، جيت)

ڪي هوا سان جيئرا، ڪي هوا سان مرن

ڪي آواز سان جيئرا، ڪي آواز سان مرن

ڪي برسات سان جيئرا، ڪي برسات سان مرن (وڻ ٽڻ، ڪچي)

ڪي ڪارتوس سان جيئرا، ڪي ڪارتوس سان مرن (شاگرد، پکي)

ڪي چپن سان جيئرا، ڪي چپن سان مرن

ڪي حلوي سان جيئرا، ڪي حلوي سان مرن (ملان، شگر جا مريض)

ڪي جلوي سان جيئرا ڪي جلوي سان مرن

ڪي لفظن سان جيئرا، ڪي لفظن سان مرن (دلاسو، تعنو)

ڪي روئڻ سان جيئرا، ڪي روئڻ سان مرن (پار، ميٺبتي)

(13) 80 سال عمر واري ماءُ ڪي ساڙي ڇڏيائون ! (عجيب)

(مري وئي، هندو هيا)

20 سال عمر واري جوان ڏيءَ کي والدين گهران ڪڍي ڇڏيو (شادي ٿيس)

5 منٽن ۾ ڏهن جي منڊي لاٿي نه رت وهيو نه پوليس آئي.

هڪ ڏينهن ۾ 10 ڇوڪرين کي منڊيون ۽ چوڙيون پارايون (سونارو)

500 روپين ۾ سچو مهينو مزا وٺو. (سپر ڪارڊ)

5000 روپين ۾ ساري عمر مزا به وٺو ۽ لوڙيو به (ڪابينو)

3 لفظ زندگي بدلائيندا آهن (ڪڍهن ٿاهن ڪڍهن ڊاهن)

حسينائن جي چيلهه ماپڻ ۽ ڳچي ماپڻ واري کي ڪا سزا نه التوانعام. (درزي)

(14) اٺ ڪاٺي 32، ٻڪري ڪاٺي 36!

تڪڙ جا 13 ته صبر جا 16. 10 دنيا 70 آخرت.

سوناري جا سوَ ڏڪ لوهار جو هڪ، ڪو 32 لکٽو ته 36 لکٽو.

ڪوڙا بهشت ۾ (معافي ورتائون) سچا دوزخ ۾ (تعريف)

ڏهه سال محنت ڪري ۽ ڏهه لک خرچ ڪري انجنيئرنگ يا ڊاڪٽري پڙهيو.

ڊگري ملي پر نوڪري نه پرچي ملي به ته پري ۽ بدليون، 18 يا 19 گريڊ ۾ رٽائرڊ.

# باب ڇهون: ننڍو وڏو، زماني جا رنگ، هڪ نہ ٻيو

(1) گريڊ ننڍو پر پگهار وڏي!

ها اهو ممڪن آهي ڇوته استادن کي پروموشن بدلي ٽائم اسڪيل تہ ملي.
پرائمري استاد جو گريڊ ڇهون پر پگهار 30 هزار.
سيڪنڊري استاد جو پگهار 70 هزار پر گريڊ يارهون.
ليڪچرار جو گريڊ 17 پر پگهار ڪل 40 هزار.
ڪڏهن پگهار ٿوري پر پاور وڏا (تپيدار) يا الائونس گهڻا (بئنڪ ملازم).
ڪڏهن پگهار ۽ گريڊ ٻئي وڏا پر پاور نہ (پروفيسر گريڊ 21 يا 20).
نفعو ٿورو پر برڪت گهڻي

(2) قدرتي حسن ٿورو پر ميڪ اپ ۽ نخرا گهڻا!

ڪن جو قد ننڍو پر دل وڏي، ڪن جي بچت ٿوري پر سخا گهڻي.
ڪن جا ڪم سٺا پر مخفي تہ ڪن جي وري مشهوري گهڻي.
علم ٿورو پر ڄاڻ گهڻي، ڊگري ننڍي پر عهدو وڏو.
لکيل ٿورو پر مارڪون گهڻيون، پني ٿوري پر اپت گهڻي.
ڪن جا ووٽر ٿورا پر پيٽيون ڀريل (فرشتا ووٽ وجهي ويا).
ڪن جون ڳالهون گهڻيون پر ٻار ۽ سڪون نہ ڪن جا لٽا اڇا پر کيسا خالي.
ڪن جا شاگرد يا مريد گهڻا پر عزت نہ. ڪن جو نالو وڏو پر ديهہ ويران.

(3) ڪنڌهر جنس باهر جنس پرواز! (گڏ)

عمران خان سان ق ليگ وارا چوڌري ڀائر ۽ شيخ رشيد گڏ.
سوني تي سهاڳ تہ طاهر القادري بہ گجي پيو.
پرويز مشرف سان ارباب غلام رحيم، ايم ڪيو ايم ۽ ق ليگ گڏ
ايوب خان سان موسيٰ خان، نواب ڪالاباغ، ذوالفقار ڀٽو گڏ
ضياءُ الحق سان شريف برادران ۽ چوڌري برادران گڏ

نڪاح يا طلاق وقت هاٿو ته ٿي دفعا ڪبي آهي پر لاڳاپا سڄي عمر جا.

ساهه نڪرندو ته جلد آهي پر روئڻ گهٽڻ ماڻهن کي گهڻي وقت لاءِ ايندو آ.

ليلة القدر جي عبادت هڪ رات پر 1000 مهينن جي عبادت کان ڀلي.

ٻج جي هڪ داڻي مان بيشمار داڻا.

عمل هڪ رشتا گهڻا (نڪاح، ٻار جي ولادت).

(8) واهه زمانا تنهنجا رنگ!

گورا قبرستان ۾ پورجن ته ڪارا به ٿا.

وائيٽ هائوس وارن جا ڪارا ڪارناما سڄي دنيا ۾ مشهور. ڪڏهن منجهس رهن به ڪارا.

ٻڪري ڪاري پر کير اڇو ڏئي. چمڙي ڪاري پر رت ڳاڙهي ۽ ٽڪ اڇي.

گهڻا رنگ جا ڪارا اندر جا اڇا ۽ ڪي وري رنگ جا اڇا پر دل جا ڪارا.

ڪيترن سڱن ڪمن ڪرڻ وارن کي ڪاري پاڻيءَ جي سزا ملندي آهي.

حجر اسود کي ڪروڙين انسان چمندا آهن.

مردي جو مذهب، ملڪ، ذات ۽ رنگ ڪهڙو به پر ڪفن اڇو.

ڪڏهن اڇي ڏاڙهيءَ ۾ اتو خراب ٿيندو آهي.

ڪارو ڪڪر اڇي پاڻيءَ سان ڀريل هوندو آهي.

(9) ڏسڻ ۾ ڪاري چونس ڳاڙهي! ڏسڻ ۾ پوري چونس ڪاري (رنگ)

ڪڏهن ڪاري برقعي اندر پري جو چهرو ظاهر ٿئي ته ڪڏهن اڇي برقعي اندر حبشڻ

ڪارو تر سفيد چمڙيءَ تي واهه جو لڳندو آهي.

اندر ڪارو ڪانءُ ٻاهر ٻولي هنج جي. ڪو اندر جو ڪارو ته ڪو ظاهر ڪارو.

لٽا اڇا هوندا آهن پر ڪيسا خالي. اڇي پڳ م پس، اندر مڙئي اگڙيون.

ڪاري ڪنگهه ٿئي گلن جهڙن ٻارڙن کي (ڪالي کهانسي).

ڪالا بورڊ وٽ ٻلڊنگون مختلف رنگن جون (ڪاري ڪا به نه).

حسين ترين سفيد رنگت وارن کي ڪارو يا ڪاري ڪري مارن.

ڪوئل ڪاري پر آواز مٺو. ڪوئلو به ڪارو پر قيمتي ۽ ڪم وارو (ڪارو سون)

رڌائر ڌيڻ ڪان اڳي گهٽ پوءِ گهڻو (دولت)
جيئرو تہ لڪ مري تہ سوا لک (هاٿي)
جيئرو تہ ڏتڙيل مري تہ وارث امير (ملازم)
نمازيءَ گهٽ روزي ۾ وڌيڪ (تڪليف)
ڪتي تي گهٽ دربان تي وڌيڪ (خرچ)
مانيءَ تي گهٽ تعليم تي وڌيڪ (خرچ)

(15) گهٽ وڌ:

گهرن ۾ گهٽ پر عدالتي ۽ حڪومتي سسٽم ۾ وڌيڪ (خامي)
پيرن ۾ گهٽ پر ويساهه ۾ وڌيڪ(خامي)
وڪيلن ۾ گهٽ پر اصلين ۾ وڌيڪ(خامي)
شاگردن ۾ گهٽ پر امتحاني سسٽم ۾ وڌيڪ(خامي)
ميلاپ ۾ گهٽ پر وڇوڙي ۾ وڌيڪ (سڪ)
مور ۾ گهٽ پر وياج ۾ وڌيڪ (رقم پرڻ)

(16) گهٽ وڌ:

مسجد ۾ گهٽ، پر اسپتال ۾ وڌيڪ (خدا ياد)
جوڙا؟ (زهر ماکي)، (تکڙ تراز قلم)، (مزار مندر)، (ڪرڪيٽ، تاس)
(ڏيءَ، پٽ)، (ياءُ، پڙوو) (ٻار، ٻڪري)، (ڏا چِي، توڏو)،
(ڏ ٻڀڻ، رات)، (نغز جبر)، (شراب، ممتني)، (لوهه سون)، ..

(8) والدين جي مرضي آ: ڌيءَ کي وارث بنائڻ يا پٽ کي.

ڌيءَ پوڙهي سان پرڻائڻ يا ٻار سان، مائٽ سان يا ڏاڙهي سان، ٻي روزگار سان يا بدڪردار امير سان.

ٽڪن تي ڌيءَ وڪڻ، ڏنڊ ۾ ڏين يا تحفي ۾ ڏين (پير يا بادشاهه کي).

پسند جو پرڻو ڪرائڻ يا ڪاري ڪري مارڻ، نالو حور رکنس يا پري.

ديني تعليم ڏيارڻ يا دنيوي، ڏاج گهڻو ڏين يا مناسب.

ستن ڪوٺن ۾ بند رکن يا ملڪيت مان حصو پتي ڏين.

وڏي پٽ کي پيارو گهرن يا ننڍي پٽ کي. مور وٺين يا سود.

ليڊر جي به مرضي آ نوڪريون ميرٽ تي ڏئي يا جيل جي ساٿين کي.

ڌانڌلي ڪري اليڪشن کٽي يا عوام جون دليون کٽي.

(9) مريد جي مرضي آ: حر بنجي يا چيف خليفو دعا وٺي يا پٽ.

پير کي ان ڏئي يا ڇيلو (جيترو ڳڙ اوترو مٺو)، زمين ڏئي يا ڪنوار.

درگاهه تي ننگر ورهائي يا ڏن اڳاڙي، ووٽ به ڏئي ۽ نوٽ به.

ويساهه رکي يا نه (پير کان ويساهه پلو)

مريدياڻي سميت حاضري ڀري ڇڳ وڌيو مريد ٿئي يا نه.

وظيفا پڙهي، چلا ڪڍي يا جنڊ پيهي.

ورڪر جي به مرضي آ، ليڊر بدلائي يا هر حال ۾ راضي رهي.

(10) استاد جي مرضي آ: پڙهائي ۽ سمجهائي يا ڪلاس نه وٺي (ڪاپي ڪرائي!)

ڪتاب لکي يا سياست ڪري، ريسرچ ڪري يا انٽرنيٽ تان چوري. استادي ڏيکاري يا ويزا تي هجي. هر فن مولا ٿئي يا خاص مضمونن جو ماهر.

ٽيوشن سينٽر هلائي يا انتظامي عهدا سنڀالي.

هوشيار کي ٻڙي مارڪون ڏئي يا ليڊر کي A گريڊ.

ڪوچورن جو استاد ٿئي ته ڪو استادن جو به استاد.

هوم ورڪ ڏئي يا زور ڏياري (سيمسٽر سسٽم ۾ استاد بادشاهه آ.

شاگرد کي فرش کان عرش تي پهچائي يا سندس ڪمر کي ڪمرو بنائي.
ڪو استاد العلماءِ ته ڪو استاد العڪماءُ
سياست ۾ ته ننڍو ليڊر پنهنجي استاد ليڊر جا تختا ڪيندو آهي.
(11) شاگرد جي مرضي آ: محنت ڪري يا ڪاپي
ڪلاس ۾ حاضر رهي يا نه (فارم ته پريوٽي پربو). ليڊر بڻجي يا عشق ڪري.
استاد جي عزت ڪري يا ڳلي ۾ هٿ وجهيس. علم حاصل ڪري يا ڊگري يا ٻئي.
ڪامريڊ بنجي يا جيالو. اٿو ڏيئي پاس ٿئي يا ڏئو ڏئي.
استاد ڪان اڳتي نڪري وڃي ته چئبو "ڏاڇي لهي 10 ته توڏو لهي 13.
سمجهي يا رٽو لڳائي. دل لڳائي پڙهي يا دل لڳي ڪري.
استاد جي خدمت ڪري يا بليڪ ميل ڪريس.
(12) گهوٽ جي مرضي آ: ڪار تي چڙهي اچي يا گهوڙي تي.
ڏينهن جو نڪاح پڙهائي يا رات جو. ڪراڙپ ۾ گهوٽ ٿئي يا جوانيءَ ۾.
زندگي ۾ هڪ دفعو گهوٽ ٿئي يا بار بار.
وارن کي ڪارو ڪري يا ڳاڙهو. شيرواني پائي يا ڪوٽ.
شاديءَ رات گهٽ ۾ ڪنوار کي منڊي ڏئي يا هار.
ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ ته ڪڏهن مڙهه مقام ۾.
گهوٽن ۾ گهوڙن جيئن ٿورا ڏينهڙا.
ڪي ذات جا گهوٽا ته ڪي گهرڙ گهوٽ وارا.
آپٽي گهوٽ ته نشا ٿي وئي. ڪي گهوٽيتا ته ڪنواريتا.
وڏن سردارن ۾ پيرن جي به مرضي آ، ته صوبائي سيٽ گهرن يا قومي
ضلعي حڪومت گهرن يا فنڊ.
(13) ڪنوار جي مرضي آ: بيوٽي پارلر وڃي يا گهريلو هار سينگار ڪري.
ڏاج گهٽو آڻي يا ٿورو. پر نوان مائٽ گهٽا ملندس.
روز سونو اندو لاهي يا مهيني مهيني (ڊاڪٽرياڻي يا ماسترياڻي).

# باب پيو: آفيسرن، حاڪمن ۽ عوام جي

رحم ڪرين يا ڪرم، جنت بخشين يا جهنم، مالڪ تنهنجي مرضي.

(1) جج جي مرضي آ :PCO تخت حلف کڻي يا استعيفا ڏئي (هڪ هڪائي).

نظريو ضرورت جو مچي يا ضمير جو آواز ٻڌي. (فيصلو ته ڪرڻو آ)

آمر جي حق ۾ فيصلو ڏئي چيف ٿئي يا گهر ويهڙو ٿئي.

شاهد ۽ وڪيل جي پرک ڪري يا ڊيل ڪري (انصاف انڌو آ).

ناڪام وڪيل مان جج ٿئي يا ڪامياب جج مان ناميارو جج ٿئي.

ڏوهي ۽ کي آزاد ڪري يا بيگناهه کي ڦاسي ۽ چاڙهي.

(2) وڪيل جي مرضي آ: ڪيس هارائي يا کٽرائي، ترت فيصلو ڏياري يا حاضريون ڀرائي.

ڊبل ڪراس ڪري يا ڊيل ڪرائي (صرف فيس مان چا ٿيندو!)

مظلومن جي مدد ڪري يا ظالمن، آمرن ۽ غدارن جي.

سچ کي ڪوڙ ثابت ڪري يا ڪوڙ کي سچ (پن پوڙي پٽر تاري)

ججن جي آ ٻئج ۽ وڪيلن جي بار. وڪيل آ پاڙو ۽ جج آ مها پاڙو.

(3) بئٽس مئن جي مرضي آ: چڪا چونڪا هڻي يا ٺڪ ٺڪ ڪري.

پڙي تي آئوٽ ٿئي يا سينچري هڻي (رڪارڊ ٺاهي يا ٽوڙي).

اوپنر ٿئي يا مڊل آرڊر، ون ڊي کيڏي يا ٽي ٽوئنٽي.

انعام کٽي يا گاريون کائي، پنهنجي لاءِ کيڏي يا ٽيم لاءِ.

(4) بالر جي مرضي آ: نو بال ڪرائي يا وائيڊ (سٽي جي رقم؟)

بائونسر هڻي يا هئٽ ٽرڪ ڪري، وڪيٽ اڏائي يا ڪئچ ڪرائي. فاسٽ بالر ٿئي يا اسپنر.

چڪا چونڪا هڻائي يا رنسن کي روڪي. عزت ڪمائي يا پئسو.

آل رائونڊر ٿئي يا وڪيٽ ڪيپر. فٽ رهي يا ان فٽ. نو بال ڪرائي يا وائيڊ بال.

(5) آمر جي مرضي آ: مارشل لاهڻي يا ايمرجنسي (ڪير ٿو پڇي!)

اسيمبليون ٽوڙي، آئين معطل ڪري يا جج هٽائي.

ڪي ماري ته ڪنهن کي جياري.

ڪن لاءِ جمعو پلارو ڪري ته ڪن لاءِ آچر. ڪن لاءِ سوئر حرام ڪري ته ڪن لاءِ ڳئون.

ڪن کي هڪ ڙال جي اجازت ته ڪن کي چئن جي.

ڪن کي ٻڪريءَ جي ٻيڪ به نه بخشي ته ڪنهن کي ڏن بخشي.

فضل ۽ ڪرم ڪري يا عدل ڪري. پاءُ قبولي يا مٿن کي به موٽ ڏئي.

جنت ۾ وجهي يا جهنم ۾. ڏک ڏئي يا سک.

(13) عوام جي مرضي آ: عالمن ۽ سائنسدانن کي پسند ڪن چاهي.

ذاڪرن ۽ مسخرن کي.

ڳائڻ ۽ ائڪٽرن کي پسند ڪن يا رانديگرن کي (رياضي دانن ۽ فلسفين کي اصل نه!).

ڪن کي گلن جا هار پارائن ته ڪن کي پادرن جا.

آزاديءَ لاءِ قربانيون ڏين يا غلامي تي راضي رهن.

پوتارن ۽ سردارن کي ووٽ ڏين يا ووڪرن کي.

شرابين ۽ زانين تي قبا اڏي پڙ وجهن يا ميلا لڳرائن.

هڪ خدا کان گهرن چاهي سوين گهڙيل بتن کان.

اوطارا ٺاهن يا اوطاقون. مندر ٺاهڻ يا مزارون.

ڌرڻن ۾ شريڪ ٿين يا لانگ مارچ ۾.

(14) سياست دان جي مرضي آ: پنهنجي پارٽي ٺاهي، ٽولو ٺاهي يا ڪنهن مقبول عوام پارٽي ۾ شرڪت ڪري.

ذات بدلائي يا حلقو تعرو بدلائي يا نظريو، سيٽ بدلائي يا لوٽو بنجي.

نوڪريون ۽ ٺيڪا ميرٽ تي ڏئي، پيسن يا سياسي رشوت طور ڏئي.

دولت لاٽچن ذريعي ديئي موڪلي يا ڪنهن حسين ماڊل جو سهارو وٺي.

جيل قبولي يا ملڪ نيڪالي (تخت يا تختو).

ڪنهن فوجي آمر جو پٽيلو بڻجي يا ڪنهن ملڪ جي شهزادن جو دوست

(15) دولت مند جي مرضي آ: سخي ٿئي يا ڪنجوس.

الله سان واپار ڪري، عياشي ڪري يا حج ۽ عمره ڪري.
ڊگريون خريد ڪري يا ٻانهيون. محل اڏي يا اسپتالون ۽ مدرسا کولي.
عهدا وٺي يا ڪشتا کائي، اليڪشن لڙي يا مرغا لڙائي.
رنون پچائي يا گهوڙا، ڪتا ڌاري يا سوئر پالي. رنڊيون نچائي يا فلم ٺهرائي.
هيرا وٺي يا هوائي جهاز. دبئي ۾ محل وٺي يا لنڊن ۾ فليٽ.
بهشت ۾ محل بڪ ڪرائي يا سئٽزرلينڊ جون ٽڪيٽون پري.

(16) مشرڪ جي مرضي آ: قصن ۽ بيتن تي يقين ڪري يا خدائي ڪلام تي.
بت کان گهري يا مزار کان (آخر ڪنهن کان ته گهرندو!)
تعويذ پوري يا بازو بند بنائي.
جادو ۽ ڪارو علم سکي يا ابجد.
3 خدا مجي يا 5، 12 کي مجي چاهي 48 کي.
عَلم کي چمي يا ڪراس کي (زهر کي مٺاڻ جو تهه چاڙهي).
ڪنهن کي مشڪل ڪشا سمجهي ته ڪنهن کي عالم الغيب.

(17) نشئي جي مرضي آ: شراب پيئي يا ڀنگ، هيروئن پيئي يا آفيم (خواب ۾ هيروئن مليس). شراب سان گڏ شباب به رکي يا رڳو ڪباب.
لڪائي پيئي يا ظاهر ظهور. تورو پيئي يا گهٽو اگهاڙو ٿي نچي يا مدهوش ٿئي.
چرس بي ترس پيئي يا شيشو، ناس ڏئي يا پان کائي.
ٻنان پيئي به نشي ۾ ٻڌل رهي (عشق، پيسو، پاور) يا نشو اثر ئي نه ڪريس.
ديسي شراب پيئي يا ولائتي، مهانگو پيئي يا سهانگو.
زال کي هڻي ڪُٽي يا جاني.

(18) چور جي مرضي آ: وڏي چوري ڪري يا ننڍي، دل چورائي يا نظرون.
بجلي چور ٿئي يا ٽئڪس چور، رن چور ٿئي يا ڊگهي چور (هن دنيا ۾ سڀ چور!).
ڪتابن يا نفلي عبادتن جي چور لاءِ سزا نه آهي. ڪو ووٽ چورائي ته ڪو نوٽ، ڪو پاڻي چورائي ته ڪو زمينون. ڪو پيسريءَ ۾ توبهه ڪري يا پاٿاريدار بنجي. پاڙي،

عالم ۽ سيد جي شناس ڪري يا سِکي ٿي اتان.

اميرن جي چوري ڪري غريبن ۾ ورهائي يا هيرا ڦيري ڪري.

فقير جي جهگي ۾ چنگهون وجهي يا ڪوٺا ٽپي.

(19) ڊاڪٽر جي مرضي آ: مسيحا بنجي يا ڪاسائي.

فيس 5 سو وٺي يا پورو هزار.

علاج سرڪاري اسپتال ۾ ڪري يا ميڊيڪل سينٽر تي.

هڪ ڪلاڪ انتظار ڪرائي يا پنج ڪلاڪ (مريض پيو ڪاڏي ويندو!).

هوڙ سور واري ڪيي يا ڪا بي.

سرجن ٿئي، اسپيشلسٽ ٿئي يا جنرل فزيشن. اکين جو ماهر ٿئي يا دل جو.

علم جو ڊاڪٽر ٿئي يا فن جو. جانورن جو ڊاڪٽر ٿئي يا پوڻن جو.

گردا ڪيي وڪڻي يا رت.

(20) مريض جي مرضي آ: حڪيمن کان علاج ڪرائي يا هوميو پيٿي وارن کان.

سنياسين جي ور چڙهي يا اسپيشلسٽ جي. ديگ باسي يا چادر چاڙهي.

دعا ڪرائي يا دوا. صدقو ڪيي يا وظيفو پڙهي. ڌاڳو ٻڌي يا نه.

سٺيون ڦڪيون کائي. ڪشتا کائي. پرهيز ڪري يا درگاهون پيئي.

قرض به هڪ مرض آ. عشق جي مرض جو علاج نه آهي.

وهم جو علاج لقمان حڪيم وٽ به نه هيو.

لالچ جو مرض وڌندو رهندو.

# باب ٽيون: ڪن ذاتين وارن جي

## ذات ناهي ذات تي جو وهي سولهي

نالي جو ڪجهه اثر ته ضرور آهي پر گلاب جي گل تي ڪهڙو به نالو رکو خوشبو اهائي هوندي. غريب جي پار تي نالو پلي شهزادو يا راڻي رکجي ڪو فرق نه پوندو. حور، پري، سهڻي، شير خان، ڪانڊيرو، مٺو، ڪوڙو، پناڻي، سڪندر، حسين نالا عقيدت ۽ خواهشن جو اظهار آهن.

(1) جت جي آ مرضي: ميرجت سڏائي يا سنجراڻي، جمالي سڏائي يا زرداري، چانگ سڏائي يا اوٺو، لاشاري سڏائي يا مشوري، جسڪاڻي سڏائي يا ملڪاڻي ٽانوري يا هيسباڻي.

رڻ پٽ جو جهاز هلائي يا نه. ڪوئبو جت پنهون به جت هيو (سسئي وارو).

آصف علي زرداري شهيد راڻي بي نظير سبب مشهور ٿيو.

ميرجعفر خان ۽ مير ظفر الله خان جمالي روجهاڻ وارا مشهور آهن.

دادو ضلعي ۾ جمالين جا سردار آهن. جاتي ۾ گهڻا جت.

جت لاءِ مشهور آهي ته مسيت تي به اٺ چاڙهيو هيائين.

يورپ جا جپسي به شايد جت آهن. قريشين وٽ به واپار لاءِ اٺ هئا.

جت چڙهي سچائي تي ته ڪڙهه تي ڪير پياري.

پير ۽ جلباڻي به جمالين جا مشهور پاڙا آهن.

(2) ڪنير جي مرضي آ: گلال سڏائي يا چنو آگرو سڏائي يا سامٽيو.

ٺروارا ڪنير سڏائن ڪنيار ۽ وريا ماڻي.

الله پاڪ به ڏاڏي آدم کي مٽيءَ مان ٺاهيو.

آوي چاڙهي دلا ۽ مٽ ٺاهي يا نه ڪوئبو پورۡ به ڪنير.

ڪڏهن چنو پٽ گلال جو. گلال پٽ ڪنير جو پڙهي عجب لڳندو آهي.

پڪل ڪني کي ڪنير نه ڪنا وجهي سگهندو نه گلڪاري ڪري سگهندو.

چنا ڪاڇي جا مالڪ هيا، چگا مان قري چنا.

(3) **راجپوت جي مرضي آ:** قائم خواني سڏائي يا خان زادو، ڀٽي سڏائي يا گجر، راجه سڏائي يا راڻو ٺاڪر سڏائي يا سيال، مهر سڏائي يا سومرو.

ڪي لباڻا ڪي کتري، ڪي چوهاڻ ڪي چيمه ڪي ٻليڙ ڪي ميو (ميوات وارا) ته ڪي ڪرل

قديم هندستان ۾ راجپوت حڪمران رهيا.

ڪي سورج ونسي ته ڪي چندا ونسي.

هاليجي وارا انڊڙ بزرگ مشهور آهن.

راجپوت معنيٰ راجائن جي اولاد.

پرٿوي راج چوهاڻ ۽ چتور جو راڻو پرتاپ مشهور هيا.

راجپوت عورتن ۾ ستيءَ جي رسم به هئي.

پدمڻي راڻي به علاءُ الدين خلجي جي هٿ نه آئي (ڏاگهه چڙهي).

سومرين به ستي ٿي ست بچائي.

قائم خواني فوج ۾ گهڻا آهن. ٽنڊوڄام، جيمس آباد ۽ ڏگهڙي طرف گهڻا آباد آهن. محمد ادريس راجپوت ۽ انجنيئر ڊاڪٽر عبدالقدير خان مهراڻ يونيورسٽي جو سابق وائيس چانسلر خانزاده آهن.

خانزاده زياده تر سڪرنڊ، محراب پور، پريا روڊ ۾ آباد آهن. ڪورو ۽ پانڊيو به (راجپوت)

(4) **سيال جي مرضي آ:** پوڪ سڏائي يا لڪ، جهنيال سڏائي يا ڀلال، هراج سڏائي يا راجپوت.

سيال ڪوٽ ۽ جهنگ سيال ۾ گهڻا سيال آباد آهن.

ڏوڪري وارا سيال به ڪافي زور آور آهن. (رانجهي واري هير به سيال هئي).

ڪن جو خيال آهي ته ڀنڊ به سيال آهن.

(5) **ڏل مرضي جا مالڪ آهن:** ڪي لاڪا ته ڪي لنجار (انڙ پور وارو مخدوم)، ڪي مهر ته ڪي لنجا، ڪي لاڪير ته ڪي ڦل، ڪي لاڪاڻي ته ڪي لکمير.

شاهه لڏائي وارا بزرگ به لاڪا آهن. لاڪو ڦلاڻي.

لاڪي وارا چشما ۽ لاڪي جي لٽ مشهور آهن.

(18) لنگهي جي آمرضي: ڪو ميراڻي ڪو لنگهو ڪو مگڻهار لانگو يا سخيراڻي.
مگڻهار جو پار روئيندو به سرچ. مگ تي چڙڻ ۽ شاديءَ جي ڪاج ۾ مهمانن جي خدمت ڪرڻ وارا، دهل ۽ شرنايون وڄائي گهور وٺڻ وارا به لنگها.
علڻ فقير به مگڻهار ته بيجل ڳائڻو جنهن راءِ رياچ کان سرگهريو اهو به مگتو. شايد پٽ فقير به انهن جو پاڙو آهي.

(19) چامن جي آ مرضي: ڪي ڏاريجا (پني عاقل وارا) تہ ڪي جوڻيجا، ڪي انڙ (چام تماچي) ته ڪي سما، ڪي ڪوريجا (چام لس ٻيلي وارا) تہ ڪي جاڙيجا. ڪي چامڙا ته ڪي چامن جا چام. چام ننگرءِ چام پور مشهور شهر آهن.
"يلا چام هن غلام سندو سوال سٽج تون." (ميان سرفراز ڪلهوڙو)
چام ڪانيو خان سخي مرد مشهور هيو ۽ چام صادق علي حڪمران هو.

(20) فنڪار جي مرضي آ: اداڪاري ڪري يا صداڪاري، مسخرو بڻجي يا ڊانسر، ولين بڻجي يا هيرو، ڊرامي بازي ڪري يا سازندو بڻجي. جادو ڏيکاري يا پتلي تماشو. ڪرتب ڏيکاري يا موت جي کوه ۾ موٽر سائيڪل هلائي. پاڻيءَ وسيلي ڪار هلائي يا ٻنانن مقابلي پاڻ کي ڪترائي. ڪو روئاري ته ڪو ديڄاري، ڪو ڪلمو پڙهي ڪوڙ هڻي ته ڪو بار بار معافيون وٺي. ڪو جانورن جون رڙيون ٻڌائي تہ ڪو پکين جون ٻوليون. ڪو کهاڻيڪار ته ڪو جاسوس، ڪو ريڊيو تي اچي ته ڪو ٽي وي تي، ڪو قسم بار بار کڻي ته ڪو خواب ٻڌائي.

(21) ڪاريگر جي مرضي آ: سونارو بڻجي يا لوهر، درزي بڻجي يا رانديگر، ڪوري ٺٺي يا موچي، ڊکڻ ٺٺي يا ڪنڀر، رازو ٺٺي يا پلمبر، اليڪٽريشن ٺٺي يا ٻورچي.
ڍاڪا جي ململ، تاج محل، درياهن تي پليون، ريل، جهاز، موٽرون ٺاهڻ وارا، ائٽم بم ۽ آبدوز ٺاهڻ وارا، ڊرون جهاز ۽ ايئر ڪنڊيشنر ٺاهڻ وارا ٻلوڙ مستري آهن.
ڪو جيب ڪتڻ جو ماهر ته ڪو ڏانڊلي ۽ ڪرپشن جو ماهر، ڪو عوام کي بي وقوف بنائڻ ۾ ماهر ته ڪو جنگين جو ماهر. ڪو مناظري جو ماهر ته ڪو ڊائلاگ جو ماهر.
(22) پنو هرن جي مرضي آ: ڪو ڏامراهو ته ڪو پيرٽ، ڪو پير ته ڪو شيخ، پنوهارءِ پڙهيار به آهن

جيڪب آباد طرف سندن سرداري گهراڻو انصاف ڪرڻ ۽ ناهه ڪرائڻ سبب مشهور آهي.

خدا آباد وٽ هنن جي حڪومت هئي ڪلهوڙن کين شڪست ڏني.

دادو شهر پرسان دڙي وارا پنوهر شيخ ڪوٺجن.

پير الاهي بخش ۽ پير مظهر مشهور هستيون آهن.

(23) مهرن جي آ مرضي: ڪي ماڪا ته ڏهراج، ڪي چنڙ ته ڪي سخيجا

ڪي راڄڙ ۽ آرائين به مهر آهن. مهر پاڻ ڪي راجپوت چوندا آهن. لاڪن سان به ملن ٿا.

مهرن شڪارپور وٽ داؤد پوٽن کان شڪست کاڌي.

سماٽ قبيلن ۾ به وڏا سردار آهن هڪ مهرن جو پيو ثاني بولا خان ۾ ملڪ (برفت)

ڪڇ، ٿر راجپوتانا، سکو ۽ گهوٽڪي ۾ گهٽا آباد آهن.

لکي غلام شاهه، چڪ، رستم ۽ جهان خان پرسان سنڌن ننيڙو خان ۽ گهوٽڪيءَ پرسان سنڌن

سرداري گهراڻو رهندو آهي.

ايران جو شهنشاهه به پاڻ کي آريه مهر سڏائيندو هو. بلوچستان ۾ مهر ڳڙهه جا آثار آهن (مهراڻ،

مِهر، مهر، مهري).

ڪڏهن ڪن ڪليل رکيا آهن ته ڪڏهن بند.

ڪڏهن هڪ ڪن سان ٻڌي ٻي ڪن ڪان ڪڍيو آهي.

ڪڏهن ڪنن ۾ ڪپهه وجهي ڇڏبي آهي. قانون ٻوڙو آهي.

ڪن پڪڙيا به آهن، مهٽيا به آهن، پٽيا به آهن، ڇِٽيا به آهن، ڪاٽيا آهن ته ڀريا آهن.

ڪڏهن ٻئي هٿ ڪنن تي (توبهه ڪرڻ يا نماز لاءِ)

ڪي ڪن ڦاڙجوڳي ته ڪي ڪنن تي هٿ رکي اٿ ويهه ڪن

ڪي ڪن ڪڙڪائن ته ڪي ڪن گوشي ڪن

ڪن آهن رازن جا امين (يتين ڪي به ڪن)

ڪنن وسيلي آواز ۽ عينڪ پڪڙبي آهي.

اهڙو سون ٿي گهوريو جيڪو ڪن ڇني ۽ ڪنن جو ڪچو ٺيڪ نه گهرجي.

استاد جا ڪن اهڙا هجن جو شاگرد جي دل جو آواز ٻڌي وٺن.

اديب ڪنن سان دل جو آواز ٻڌي لکت ۾ آڻي.

سياستدان ٻيو نه ته پنهنجن ووٽرن جو آواز ٻڌي.

(4) ڏاڙهي ته ڏاڙهي آ: ننڍي هجي يا ٻچي، گهاٽي يا ڇڊي، اڇي يا ڪاري

ڏاڙهيءَ سان چوري به ڪبي آ ته ٻهاري به پائبي آ.

ڪوڙ به هٽبو آ ته هٿ به ٽنگبو آ، ڏاڙهيءَ کي وٽبو آ، ڪٽبو آ، ڪوڙبو به آ. ڏيکاربي به آ.

ڏاڙهي آ مرد جي سونهن ان ڪري چونس سونهاري

عورت يا ننڍي ٻار کي ڏاڙهي نه ٿئي

چوٽي آهي ته ڪري ڏاڙهيءَ وارو پڪڙبجي مچن وارو، اڇي ڏاڙهي اٿو خراب.

چورجي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک. ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي وچن ڪبو آ.

ڪنهن جي ڏاڙهي چمبي به آ، ڏسبي به آ، پٽبي به آ ته ڪوڙبي به آ.

پنهنجي ڏاڙهي ٻئي جي هٿ ۾ نه ڏجي.

وڏن فلاسافرن، عالمن، راهبن، ٻروچن ۽ سکن جون ڏاڙهيون ڏگهيون مشهور آهن.

ڪنهن جي نالي تان سو سو ڏاڙهيون به قربان.

ڪڏهن ڪتي جي وات ۾ ته ڪڏهن درندن جي وات ۾.
ڪن جي وات ۾ ڪجهه وجهبو آ ته ڪن جي وات مان ڪڍبو آ.
ڪن جو وات پاڻي پاڻي ٿيندو آهي (ليمون ڏسي) ته ڪن جو وات گلاب.
ڪي ٻليءَ وانگر ٻچا وات ۾ کڻي گهمن (بچائڻ لاءِ).
ڪي وات سان قبر کوٽن. ڪي اجايو وات هڻن يا کولن.
ڪن جي وات تي هٿ يا وات ۾ ڪپڙو يا آڱريون.
ڪي وات خراب ڪن. جيترا وات اوتريون ڳالهيون.
چوندا آهن ته زال کي وات ذريعي مڙس جي دل تائين پهچڻ گهرجي.
وات ڦاٽوڙو به نه ٿجي. ڳالهائجي اهڙو جڻ وات مان موتي ٿا ڇڻن. . ..
وات مان ڪجهه ڪڍڻ کان اڳي 10 دفعا سوچجي.
اديب جي وات کي نه پر قلم ۾ لکڻي کي ڏسبو.
سياست دانن جي وات مان نڪتل واعدن تي اعتبار نه ڪيو.
رياضي دان جي وات مان نڪتل فارمولا ۾ سمجهاڻيون ڪڏهن به نه وسرنديون.
شينهن کي ڪوبه نه چوندو ته تنهن جي وات ۾ ڌپ.
ڪي وات ڦاٽوڙا، ڪي وات وڪيل ته ڪن جي وات ۾ مگ.
ڪن جي وات تي مهر، ڪلمو، هٿ، وات، چپ، آڱريون
ڪتي جي وات ۾ هڏي ته ڀونڪندو نه.

(7) پير ته پير آهن: انسان جا يا جانور جا، عورت جا يا مرد جا، سخت يا نرم، وڏا يا ننڍا.

پير ڪڍيا به آهن ته ڍڪيا به آهن. پيرا کڻيا به آهن ۽ سڃاڻپا به آهن.
پير چميا به آهن ته ڌوئي پيئبا به آهن. پير ڪوڙيا به آهن ته پٽيا به آهن.
پير جهليا به آهن، ته کڻيا به آهن. ڌاهيا به آهن. پريا به آهن ۽ ماپيا به آهن.
ڪن جا پير پنج سير ته ڪن جي پيرن ۾ ڪنڊا ۽ ڦلوڪڙا.
ڪن جي پيرن ۾ زنجير ته ڪن ۾ سونيون ڪڙيون يا پازيب.

ڪي پير ڪوڙي ڪوڙ هڻن ته ڪن جا گابي جيڏا پير.
ڪن کي ٻه پير، ڪن کي ٽي، ڪن کي سو پير (سوپيري) ته ڪن کي چار(چوپايو).
ڪن جي پيرن تي ڪريو آهي ته ڪن جي قدم بوسي ڪبي آ.
ڪڏهن پيرن هيٺيان زمين نڪري ويندي آ.
ڪجهه مشهور چوڻيون آهن ته:
ماءُ جي پيرن هيٺان جنت آهي ۽ نمازيءَ جي پيرن هيٺان مصلو.
قيامت ڏينهن هٿ پير به شاهدي ڏيندا، پنهنجن پيرن تي پاڻ ڪهاڙو نه هڻجي.
پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪجي.
اُس ۾ پيرين پيادو نه هلجي ۽ سوڙ آهر پير ڊگهيڙجن.
هر ڪامياب سياستدان شروع ۾ ڪنهن آمر جا پير پڪڙيندو آهي.
ٻئي جي جتيءَ ۾ پير نه پائجي، ٻن ٻيڙين ۾ پير نه وجهجي.
(8) **آڱريون ته آڱريون آهن:** هٿن جون هجن يا پيرن جون، عورتن جون يا مردن جون، سنهيون يا ٿلهيون.
ڪا چيچ آ ته ڪا ڀاچ آ، ڪا شهادت واري آ ته ڪو آڱوٺو.
ڪي ليڊيز فنگرس ته ڪي فِش فنگرس.
ڪڏهن آڱروات ۾ وجهبي آ ته ڪڏهن ڏندين آڱريون ايندڙيون آهن.
ڪنهن تي آڱر کڻبي آ ته ڪنهن کي چٽائبي آ، طعام سئو ته آڱريون چٽبيون آهن.
آڱرين ذريعي انگ ڳڻڻ سيکاريا آهن اشارا به ڏبا آهن، نچائبو به آهي.
ڪي آڱروڍائي شهيدن جي لسٽ ۾ شامل ٿين.
چيٽي وڃائڻ لاءِ به آڱريون ڪپن ۽ هر هڪ انسان جي آڱوٺي جو نشان الڳ آهي.
آڱرين وسيلي نبض به چيڪ ڪبي آهي.
ڪي چانگريا ته ڪن کي فقط 4 آڱريون، ڪي ويهن آڱرين جو زور لڳائن.
هٿن ۾ ڏهه آڱريون هجڻ سبب ڊيسيمل سسٽم (ڏهائي سرشتي) جو بنياد پيو.
آڱرين بابت ڪجهه مشهور چوڻيون آهن: جنهن جي آڱر سيد هٿ ۾ تنهن کي لهر نه ڪو

ڪٿو ڪوٺي منھن ۾ پائي منھن تي پارنھن وچن.
سياست دان جو منھن اليڪشن کان اڳ هڪڙو ۽ بعد ۾ ٻيو.

(10) دل ته دل آ: عاشق جي هجي يا معشوق جي، انسان جي يا پکي جي ماءُ جي يا اولاد جي.

دل ٻڏبي به آ، هٽبي به آ، لڳائبي به آ، ڪٽبي به آ، چورائبي به آ. ڪسبي به آ، ڏبي به آ، وٺبي به آ، ڪن سان وري 32 دليون لڳائبيون آهن.

دل گھرندي به آ، چوندي به آ، ڀڄندي به آ، سڙندي بـه آ، ٻيھندي بـه آ، ٽٽنـدي بـه آ. ڦاٽندي به آ (بنان آواز). تڙپندي به آ.

ڪن جي دل نرم ته ڪن جي سخت، ڪن جي تنگ ته ڪن جي ڪشادي.
ڪن جي دل وڏي، ڪي دلير ته ڪي دلبر ڪي دل گير ته ڪي دل ربا.
ڪن جي دل ۾ گدڙ ڪن جي دل ۾ چور ڪن جي دل ۾ دغا،
ڪي دل جا بادشاهه ته ڪي دل گھريا، ڪي دل اڳيان مجبور.
ڪي جا ڊاڪٽر ته ڪي مريض، دل ڪي مرض به لڳندا آهن ۽ دل رت جا ڳوڙها بـه ڳاڙينـدي آ.
ڪي زنده دل ته ڪي مرده دل،
ڪن ڪي دل ۾ جاءِ ڏبي آ. ڪن جي دل رکبي آ.

چوندا آهن: ته دل جي ڳالھ دل ۾ رکجي، دل پسند ته لوڪ پسند. ڪنھن جـي دل نـه رنجائجي. اهڙا ڪم ڪجن جو ماڻهو دل مان آهه نه ڪڍن. دل ڪي نه هڏو نه آرام.

دل لڳائي پڙهڻ گھرجي، هٿ ڪم ڪار ۾ پر دل پنھنجي يار ۾.
دل ڦينڪ نه ڏجي پر دل صرف هڪ کي ڏجي.

اديب جي دل قوم جي لاءِ، استاد جـي دل شـاگرد لاءِ، سياسـت دانـن جـي دل اقتـدار لاءِ ڌڙڪندي آهي. دل آئيني واگر صاف رکجي. ڪڏهن دل تي پٿر به رکبـو آ تـه ڪـڏهن هارٽ فيل ٿيندي آ.

(11) وار ته وار آهن: اڇا ڇـاهي ڪـارا، وڏا ڇـاهي ننـڍا، ڪليـل تـوڙي ٻـڌل، سخت توڙي نرم، اصلي توڙي نقلي، مٿي جا يا ڏاڙهيءَ جا، مرد جا يا عورت جا.

32 پائرن (ڏندن) جي هڪ پيڙ آ پر انهن جي قابو ۾ نه آ.
جانور پنهنجن ٻچن کي زبان سان چٽيندا آهن (زبان يار من ترکي ومن ترکي نه دانم)
زبان سان ماڻهو سودا ۽ واعدا ڪندا آهن ۽ سڱ ڏيندا وٺندا آهن.
زبان ڏبي به آ، وٺبي به آ، کولبي به آ ۽ بند به ڪبي آ.
مرد جي زبان هڪ، ڪن جي زبان تي مهر.
زبان چانوَ ۾ به ويهاري ته اس ۾ به.
بدن جو سڀ کان سٺو عضوو به آ ته خراب به.
ڪن جي زبان ڪاري، ڪي زباني حسابن جا ماهر ڪي بر زبان ياد ڪن.
(15) **هٿ ته هٿ آ:** مضبوط هجي يا نازڪ، سخت يا نرم،
ميندي لڳل يا مٽي لڳل، مرد جو يا عورت جو.
مٺيون هٿ هيٺين هٿ کان پلو آ. ڪڏهن هٿ اڀا ڪڏهن چنگهون.
راءِ ڏيڻ وقت هڪ هٿ مٿي ڪبو آ ۽ آڻ مڃڻ وقت ٻئي.
ڪڏهن هٿ ۾ هٿيار ته ڪڏهن گل، ڪڏهن بم ته ڪڏهن ڪم.
ڪڏهن هٿ ڪم ڪار ۾ ته ڪڏهن پادر ۾، ڪڏهن ڳچيءَ ۾ ڪڏهن اڳٺ ۾
هٿ وجهبو آ، ڪيڻبو آ، ڪٽبو آ ته ڪٽائبو آ،
ڪڏهن هٿ مٿي تي ڪڏهن پيرن تي، ڪو هٿ مان نڪتل ته ڪو هٿيڪو ٿيل،
ڪڏهن هٿ ملائبو آ ته ڪڏهن هٽبو آ، ڪڏهن هٿ ۾ ڪتاب ته ڪڏهن ڪارتوس.
هٿ ڪڏهن پيٽ تي ڪڏهن وات تي، ڪڏهن اکين تي.
جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي دوزخ وجي سوئي، قانون جا هٿ ڊگها آهن.
ڪو هٿن جو ٻار ته ڪا هٿن جي مر. ڪو هٿرادو ته ڪو هٿ ٺوڪيو.
ڪو هٿ مان نڪتل ته ڪو هٿيڪو ٿيل. ڪي هٿ ڏسن ڪي هٿ جون لڪيرون ڏسن
هٿ جي وڍيءَ جو نه ڪو ويچ نه ڪو طبيب.
باغين کي فولادي هٿن سان چٽجي.
(16) **پيٽ ته پيٽ آ:** ماءُ جو هجي يا مڇيءَ جو پکيءَ جو يا جانور

جو، زمين جو يا سمنڊ جو، ٻاهر نڪتل ۽ تلهو يا اندر گهريل ۽ سڪل.
پيٽ ڪڏهن نور سان ڀريل هوندو آهي، ڪڏهن ڪاڏي يا هوا ۽ گئس سان.
پيٽ ڪڏهن ڦوڪبو آهي ته ڪڏهن چيريو آهي. پيٽ ۾ جيترو وڃبو اوترو نڪرندو به
بک سبب پيٽ ۾ ڪوئا به ڊوڙن ته پيٽ تي پٿر به ٻڌجن .
سزا طور مجرم کي جيئري ڳڌهه جي پيٽ ۾ به وجهبو آهي.
ڪڏهن سڳ عيوض پيٽ لکي ڏبو آهي.
ضرورت مطابق کائجي ورنه پيٽ خراب رهندو ۽ چوندا ته پيٽ اٽس يا پيٽ،
اديبن ۽ شاعرن جا پيٽ ٻاهر نڪتل نه هوندا آهن البته گهڻن مولوين،
پيرن ۽ سياست دانن جا پيٽ ٻاهر نڪتل هوندا آهن.
پوليس وارن ۽ فوجين جا پيٽ ٻاهر نڪتل هجن ته ٻيڙا پار.
چوندا آهن ته: پيٽ ڦاٽو ته سڀي نه سگهبو.
ماءُ پيٽان پڙهيل ٻار نه ڄمندو. بکئي پيٽ لاءِ حرام به کائبو آ.
مڇي خواهه ڪٺل جانور جو پيٽ چيري گند ڪچرو ڪڍبو آ.
انسان، جانورن ۽ پکين جي پيٽ ۾ دل، جيرا، آنڊا وغيره هوندا آهن.
مانگرمڇ جي پيٽ وانگراٽ جي پيٽ ۾ وڏي گنجائش آهي.
پيٽ خالي ته گناهه جو گهر، ڀريل ته مستي جو گهر.
ڪاغذن جو پيٽ ڀرڻ ضروري آهي.
سپ، وڏي مڇي ۽ ڄار جي پيٽ ۾ موتي، ننڍي مڇي ۽ جيت.
ڪوري، آوي ۽ تنور جي پيٽ ۾ سرون، ڪچا ٿانو ۽ ماني.
روالور، بصري ۽ وهاٽي جي پيٽ ۾ گولي، ڳڙ ۽ ڪپهه.
پن ڏر ۽ تارازي جي پيٽ ۾ نانگ، ڳدڙ ۽ وٽ.
ديگ، ديگڙي ۽ گنديءَ جي پيٽ ۾ ٻت، ڏوئي ۽ ان جا داڻا.
ڏاڙهون، انب ۽ پپيتي جي پيٽ ۾ موتي، پٿر ۽ ڪاري دال.
ٻلي، جهاز ۽ مڇي جي پيٽ ۾ ڪٺا، مسافر ۽ ڪندا.

دوزخ، بهشت ۽ قبر جي پيٽ ۾ مشرڪ، مومن ۽ مردا.
ماءُ، حقي ۽ ناريل جي پيٽ ۾ ٻار، باهه ۽ پاڻي.
ڦري، سوئا ڀور ۽ حافظ جي پيٽ ۾ گورا، ڪير ۽ قرآن.

**(17) رت ته رت آ:** حبشين جي يا گورن جي، عورتن جي يا مردن جي، پکين جي يا جانورن جي، مڇين جي يا جيتن جي، سيني جي ڳاڙهي هوندي آ.
ڪا تڪبير جي رت ڪا نڪ هير جي، ڪا حيض جي رت ته ڪا زخم جي.
ڪن جي رت سڪي ويندي آ ته ڪن جي سڙي ڪاري ٿيندي آ.
ڪن جي رت گهاٽي ته ڪن جي ڇڊي، رت وجهبي به آ ته ڪڍبي به آ.
دشمن جي رت وهائبي آ ۽ ڏک ۾ رت جا ڳوڙها وهندا آهن.
ڪي وحشي حملي آور رت جا درياهه وهائيندا آهن، رت ۾ ڳاڙها جزا به ٿين ته اڇا به.
رت دانگيءَ تي به وري، رت جا رشتا ختم نه ٿيندا آهن.
رت جي ٽيسٽ وسيلي بيمارين ۽ نسل جي خبر پوندي آهي.
ڪن جي منڊي ڪنجي به رت نه وهي.
جونءِ، مڇر، چچڙ ۽ ڇئور جي خوراڪ آهي رت.

**(18) ڳوڙها ته ڳوڙها آهن:** ٻارن جا هجن يا يارن جا، مائرن جا يا ڌيئن جا، ڏک وڇان ڳڙن يا خوشيءَ جا، ندامت جا هجن يا شڪراني جا، انسان جا يا حيوان جا.
ڪي ڳوڙها خدا جي خوف کان وهن، ڪي دشمن جي خوف کان، ڪي فيل ٿيڻ بعد وهن ڪي ڏوهه ڪندي پڪڙجڻ بعد، ڪي مجلس ۾ ذاڪر روئاري ڪڍي، ڪي خطيب ڊيڄاري ڪڍي. ڪڏهن رت جاڳوڙها وهن ته ڪڏهن ڳوڙهن جي برسات.
ڳوڙها ڳاڙڻ لاءِ آهي اک پر ڏوبجي ويندا دل ۽ دماغ.
ڪي ڳوڙها مانگر مڇ وانگر ته ڪي بصر ڪاٽڻ سبب.
ڪي جدائي وقت ڳڙن ته ڪي رات جي آخري پهر (مقدس ڳوڙها).

**(19) ڏند ته ڏند آهن:** ڪي ننڍا ڪي وڏا، ڪي تکا ڪي مڏا، ڪي صاف ڪي ميرا، ڪي اصلي ڪي نقلي.

ڪي هيٺيان ته ڪي مٿيان، ڪي لڪيل ته ڪي ظاهر.
ڪڏهن ڪيرو ڪڏهن ڪنڊو ڪڏهن ٻڙاندو ڪڏهن چوڳو.
جوانيءَ ۾ 32 ڏند، پيريءَ ۾ ٻجي پون.
هاٿي جا ڏند ڏيکارڻ جا هڪڙا ڪائڻ جا ٻيا.
نانگ جي ڏندن ۾ زهر ڀريل، ٻجي چڏيوس ته ڪو نقصان نه ڪري.
هڪ ٻيڻ (زبان) 32 ڀائرن (ڏندن) جي قابو ۾ نه اچي.
ڪن جي ڏندن ۾ سور، ڪي ڪِلن ته ٻٽيهه ٻاهر، ڪي ڏند چڪ ڏين، ڪي ڏندڻجي وچن

ڪي ڏندين ڏاند. ڪن جا ڏندڻ ٻجن، ڪي ڏندن سان قبر کوٽن.
ڪي ڏند ڪتا ڪن ته ڪي دندان شڪن جواب ڏين. ڪن ڪي ڏندن ۾ آڱريون اچن.
ڏندن جي اهميت مڃيل آهي ان ڪري ڏند زخمي ڪندڙ لاءِ وڏي سزا آهي.
ڏانداريءَ ڪي به ڏند ڏسن. ڪاسائي ٻيا مائٽ.
جن جي چم مان واقف تن جا ڏند چا ڏسجن.

# باب پيو: ڪجهه حقيقتون

## ڪاڌن بابت

(1) گوشت ته گوشت آ: تتر جو يا چيلي جو، ڪڪڙ جو يا پاڏي جو، ڪراڙي ڍور جو يا پليل متاري جانور جو، سيهڙ جو يا پکيءَ جو، ٻچل هجي يا ديگ جو، ڪباب هجي يا ڪڙاهي، صدقي جو يا قرباني جو پاڙي مان آيل يا خريد ڪيل، هرڻ جو يا اٺ جو، حلال يا حرام، ران جو يا سيني جو، هڏي وارو يا بنان هڏي.

زبان، دل، ڦڦڙ، مغز، اوجهري، جيرن ۽ آنڊن ۾ رڳو گوشت ئي گوشت.

گوشت مزيدار ۽ فائديمند هجڻ سان گڏ نقصان ڪار به آهي تنهن ڪري گهٽو نه ڪائو يعني پنهنجي پيٽ کي "جانورن جو قبرستان نه بنايو".

ڪتن، ٻلن، ڪوئن ۽ نانگن جو گوشت نه ڪائو.

هندن لاءِ ڳئون جو گوشت ۽ مسلمانن لاءِ سوئر جو گوشت بلڪل حرام آهي.

چربيءَ واري گوشت کائڻ سان بلڊ پريشر ۽ ٻيا مسئلا پيدا ٿيندا آهن.

گلا ڪرڻ به ائين آهي جڻ پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کاڌو.

اڳي اديبن، طالبن ۽ رياضي دانن خواه استادن کي گوشت گهٽ نصيب ٿيندو هو باقي سردارن، پيرن ۽ سياست دانن گوشت جا خوب مزا ورتا.

ڪي ايترا ته ٿلها هوندا آهن جو انهن کي "گوشت جو جبل چوندا آهن".

روز روز گوشت يهودين کي به نه وڻيو پوءِ انهن خدا کان سبزيون گهريون.

تتر ۽ چيلي جو گوشت ٻلو چوندا آهن.

نوٽ: درندا صرف گوشت کائيندا آهن ۽ برهمڻ فقط سبزيون کائن.

(2) کير ته کير آ: ماءُ جو هجي يا دائيءَ جو، ڳئون جو يا ٻڪريءَ جو، گڏهه جو، ڏاچيءَ جو يا ڪتيءَ جو، هاٿيءَ جو يا ٻليءَ جو اڪ جو يا ٻڙ جو، گهاٽو يا ڇڊو، ٿڌو يا گرم. (هميشه اڇو).

ڪنهن به جاندار لاءِ سڀ کان ٻلو کير سندس ماءُ جو هوندو آهي.

يت ڪارائڻ جي آڙ ۾ آفيسرن جي چانديءَ.

(4) **مڇي ته مڇي آ:** ننڍي چاهي وڏي، ڪاري پاڻيءَ جي يا مٺي پاڻيءَ جي پلو يا چرڪو، ڪرڙو يا سينگاري، گهانگٽ هجي يا سرمائي، هر هڪ جو مزو پنهنجو آهي. سنڌو جو پلو ۽ گهانگٽ وڌيڪ مزيدار.

ڪي تريل مڇي پسند ڪن ته ڪي ٻوڙ. ڪي چلڙ واري پسند ڪن ته ڪي بنان چلڙن جي.

ڪن مڇين ۾ ڪنڊا تورا ۽ ٿلها ته ڪن ۾ سنها ۽ گهٽ.

”وڏي مڇي ننڍي مڇي کي کائيندي آهي“ (وڏو ليڊر ننڍن کي، وڏو پير ننڍن پيرن کي).

مڇيءَ جو شڪار به ڪبو آ ۽ تلائن ۾ پالبي به آهي مڇي آ ”جل جي راڻي“.

ڪڏهن مڇي انسان جي پيٽ ۾ ته ڪڏهن انسان مڇيءَ جي پيٽ ۾ (مانگر مڇ).

مڇي پاڻيءَ بنان ائين ڦٿڪندي آهي جيئن سياستدان اقتدار بنان پروفيسر ڪنهن آفيسريءَ جي چارج بنان.

ڪي ماني مڇي لائق هوندي به مڇي نه کائن (ڪنڊن جي خوف کان).

رياضي دانن کي گهٽي مڇي کائڻ کپي

نوٽ: مڇي ته ڪنڊا، مرغي ته انڊا، ٻاهه ته چنڊا، جلسو ته جهنڊا.

مڪر ۽ ڪڳو پاڻيءَ کان ٻاهر ته ڪافي وقت زنده رهندا آهن. ان ڪري چوڻي آ ته ”مڪر جي ماءُ کي ڪني تائين آسرو“.

مڇي ٻچا نه پر انڊا ڏيندي آهي.

ڪاري ۾ هڪ مڇي ڪني ته چڻ سڀ ڪنيون.

سياستدانن کي اهڙا بيان ڏيڻ کپن ۽ اديبن کي اهڙا ڪالم لکڻ گهرجن جو بعد ۾ ڪنڊا ڪيڏا نه پون.

ڪي مڇيون حلال ته ڪي حرام، مڇيءَ کي تڪبير ڏيڻ جي گهرج نه.

(5) **پاڻي ته پاڻي آ:** بيٺل هجي يا وهندڙ، گرم هجي يا سرد، مٺو يا ڪارو، صاف يا گندو، برسات جو يا پگهر ۽ پيشاب جو، آبِ زم زم يا آبِ حيات.

پاڻي پيئبو به آهي، پرٻو به آهي، هاربو به آهي. ڏبو ۽ وٺبو به آهي.
پاڻي بند به ڪبو آهي جيئن امام حسين وارن جو ڪربلا ۾ يا ڏير ٺاهي سنڌوءَ جو پاڻي.
پاڻي چورائبو به آهي ۽ کوهه کوٽي زمين هيٺان به ڪڍيو آهي.
جاندارن جي پيدائش ۽ زندگي پاڻيءَ تي آهي.
پاڻيءَ لاءِ جنگيون ٿيڻون آهن ۽ ان لاءِ چئبو آهي ته پاڻي ڪرڻ.
وڏا وڏا شهر درياهن ۽ واهن جي ڪناري تي آباد آهن ته جيئن انسان،
جانورن ۽ وڻن ٻوٽن کي پاڻي ملي.
ڪجهه چوڻيون آهن ته:
ڪي پاڻيءَ سان مرن، ڪي پاڻيءَ بنان مرن، ڪي پاڻيءَ ۾ مرن. حقو پاڻي بند ڪرڻ.
دودهه ڪا دودهه اور پاني ڪا پاني، وات پاڻي ٿيڻ. انجام کي پاڻي ڏيڻ.
ڪوشش ڪري پيسا پاڻي وانگر نه وهائجن ورنه چوندا ته پيسا ٿي پاڻي ٿي ويس،
پاڻي ٿورو به نقصان ڪار ته گهڻو به.
بچت خاطر زيور اصلي سون بدلي سونو پاڻي چڙهيل وٺجن.
ڪن نانگن جو ڪڪيل پاڻي به نه گهري.
ٿر ۽ بروارا پاڻيءَ لاءِ سڪن. پاڻي آبادي جو ذريعو به آ ته بربادي جو به.
پاڻي وهبو به آ ڪڍبو به آ، ڪچبو به آ وهائبو به آ ۽ پاڻي سڪائبو به آ.
پاڻي برف ۽ ٻاڦ ۾ به تبديل ٿيندو آ. آبشارن ۽ مينهن جو پاڻي وڌيڪ صاف هوندو آ.
گرم پاڻي جي چشمي ۾ وهنجڻ چمڙي جي بيمارين ۾ مفيد آ.
ڪن کي ڪاري پاڻيءَ جي سزا، ته ڪي شرم کان پاڻي پاڻي ٿين.
ڪن جي اکين ۾ ڪارو پاڻي ته ڪن جي ۾ موتي پاڻي (اکين جي بيماري).
برسات جو ڦڙو سپ جي وات ۾ موتي بڻجي.
اک مان پشيماني جو ڳوڙهو وهي ته گناهه معاف ٿي وڃن.
پيشاب جو قطرو وهي ته وضو ٽٽي ۽ ڪپڙو پليت ٿئي.
سون جو پاڻي نقلي زيورن تي چڙهي ته اصلي لڳن.

پاڻي نهي ٿو هائڊروجن ۽ آڪسيجن جي ميلاپ سان.
ڌرتيءَ جي گولي تي 4 حصا پاڻي پنجون حصوُ خشڪي.
پاڻي هميشه مٿاهين ڪان هيٺاهين طرف ويندو.
ڪو ناريل جو پاڻي، ڪو هنداڻي يا فروٽ جي رس ته، ڪو پوتر پاڻي.
پاڻي باهه وسائي، اڇ مٽائي ۽ پنيون آباد ڪري.
خالق ڪائنات ٿو فرمائي ته مان هر شيءِ ڪي پاڻيءَ مان ٺاهيو آ.
پاڻيءَ جا ڦڙا ڪرندا رهن ته پٿر به پري پون.
(6) پکي ته پکي آ: ڪو باز ته شڪار ڪري، ڪو بگهو ته مڇي پڪڙي.
ڪو پاڻيءَ ۾ ته ڪو خشڪيءَ تي، ڪو ڪڪڙ آنڊا ڏئي ته ڪو مرغ (وڙهي).
ڪو هنج سهڻو ته ڪو ڪانءُ ڪو جهو پارن ڪان لولو ڦري.
ڳجهه ته ڊونڊ ڪائي، مور ته نچي، ڪوئل ته ڳائي، طوطو ته ڳالهائي.
ڪو ڪبوتر قلابازيون ڪائي ته ڪو وزن ۾ هلڪو ڳيرو. ڪو جهرڪ ٽپا ڏئي ته ڪو تتر ٻولي.
ڪو پکي حلال ته ڪو حرام، ڪو چارو سيلي ڦاسي ته ڪو بندوق سان مارجي.
پکي سڀ اڏرن سواءِ شترمرغ جي، سڀ آنڊا لاهن سواءِ چمڙي جي.
هڪڙا جهنگ جا پکي ته ٻيا ڊيڊجا. ڪانءُ ته انسان جو استاد آ مٿس ڪاتي ۽ پيچرو حرام آ.
ڪي مهمان پکي ته ڪي لاڏائو، ڪي آ ڪيرا ٺاهن ته ڪي پالتو، پڃرن ۾ يا ڳڏي ۾ رهن.
ولر ڪيو وتن پرت نه ڇنن پاڻ ۾، "ڪبوتر با ڪبوتر باز با باز."
(7) آنڊو ته آنڊو آ: ڪو مرغيءَ جو ڪو ڪميءَ جو، ڪو نانگ جو ڪو مڇيءَ جو،
ڪو ڪِول جو ته ڪو ڪبوتر جو، ڪو وڏو ته ڪو ننڍو، ڪو اڇو ته ڪو رنگين.
ڪو ديسي ڪڪڙ جو ته ڪو فارمي جو، ڪو ڪنو ته ڪو سٺو.
ڪو ڪچو ته ڪو اٻاريل، ڪو آمليٽ ته ڪو هاف فراءِ.
آنڊا ڪو لاهي، ڪو پچائي، ڪو ڪائي، ڪو وڪڻي، ته ڪو چورائي.
امتحان ۾ ملي ته خراب پر نيرن تي ملي ته سٺو.
ڪن آنڊن مان ٻچو ڦٽي ٿي نه، پکي سڀ آنڊا لاهن. پلي جي آني آ مزيدار.

نوٽ: مڙس ته مجازي خدا آهي، ڪي مڙس جا پٽ ته ڪي مڙس ماٺهو.
زال گهوڙو ۽ جاءِ مرد لاءِ ياڳ آڻيندا آهن.
زال جي نظر مڙس جي کيسن تي هوندي آهي.

(5) مرشد ته مرشد آ: سيد هجي يا غير سيد. خانداني ست پيڙهيو هجي يا پانهيءَ جو پار. واقعي الله وارو هجي يا سرحد پار ڪري ذات ۾ هليو متايل.
پير ڪان ويساهه پلو. سائيڻي پيرجا ڪي مريد خليفا ٿين ته ڪي وري مرشد ڪان بہ مٿي منزل ماڻين، ڪي پيرزادا ته ڪي مرشد آباد جا رهواسي.
ڪي مرشد ڪاني ڪرامت جا صاحب. هر سال زالون مٽائن.
پنهنجون ڏيٺر نه پرڻائن پر ٻين جي نياڻين ۾ اکيون وجهن.
ڪي گهوڙا پڄائن ته ڪي سوئر ۽ ڪتا پالن.
ڪي حڪمت ۽ واپار ڪن ته ڪي مريدن جي ڪمائي تي پلجن.
ڪي در در تي وڃي ڏن وٺن ۽ مريدن کي قدم بوسي خواهه خدمت جو موقعو ڏين.
ڪن کي سندن ايجنٽ (خليفا) هر ماهه خرچ پهچائن.
ڪن جي مٿان قبا ۽ درگاهون ته ڪي فقير صفت پاڻ کي لڪائن.
ڪي مرشد مريدن کي وظيفا ڏسي روحاني منزلون پار ڪرائن.
ڪي حڪمرانن کان ماهانه وظيفا وٺن ۽ صرف دريءَ کان ديدار ڪرائن.
ڪي مذهب ۽ وطن خاطر جهاد ڪن ته ڪي عيش عشرت ۾ پورا.
سياستدانن جا مرشد محلن ۾ ساڻن گڏ رهي حفاظت ڪن.
ڪن اديبن جا ته مرشد ٿين ٿي نه. (بي پيرا) رياضي دان جو مرشد آهي.
ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ، زال جو مرشد آهي سندس مڙس.
گڏه جو مرشد آهي سوٽي. پڙوي جو مرشد آهي پيسو (بڙا پير پئسا)
ڪو پير مرد. ڪو ننڍو پير ته ڪو پيران پير پير کي خليفو ڪٺي. گهر جو پير چاهه جو مارنگ

(6) استاد ته استاد آ: پرائمري جو هجي يا ڪاليج جو سنڌيءَ جو يا اردوءَ جو. حسابن جو يا سائنس جو هنر جو يا علم جو پاڻ ڪان وڏو هجي يا ننڍو غريب

هڪڙا مهمان گهڻ ڪٺي اچن پيا گهڻ گهري وڃن.
هڪڙا ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائن پيا آرام فرما ٿين.
ڪن کي مرغ پلاءُ کارائجن ته ڪن کي دال روٽي.
هڪڙا مهمان هال مان ٿي روانا ته پيا وڃڻ جو نالو ئي نه وٺن (ٽڪ مسافر 12 مهينا).
هڪڙا هوٽلن ۽ گيسٽ هائوسن ۾ رهن ته پيا مسافرخانن ۽ اوطاقن ۾.
هن دنيا ۾ سڀ انسان مهمان آهن.
ميزبان ۽ مهمان ۾ هڪ قسم جو رشتو آهي.
ڪي پڪي مهمان ٿي سياري ۾ ڏينهن ٽي اچن ڪو هن دنيا ۾ نئون جمي مهمان بڻجي اچي
ڪي سهڻا انسان به لاڏائو قبيلن جا فرد يا ميلن ۾ مهمانن وانگر اچن.
ڪا حسين ۽ نوجوان عورت مهمان ٿي آئي ته گهر ڌڻي ان کي هڪ خوبصورت تحفو سمجهندو.
ڪو خوبرو ڏندو ڏوٽو مهمان آ ته گهر ڌياڻي به باغ بهار.
سنڌي، پٺاڻ ۽ عرب مهمان نواز مشهور آهن.
حضرت لوط وٽ به ملائڪ انساني صورت ۾ مهمان بڻجي آيا.
مهمان معنيٰ وڏي مان وارو ۽ ان کي پڳوان جو روپ سمجهيو ويندو آ.
گراهڪ ۽ مهمان جو ڪو وقت مقرر نه آهي پر "اويلو مهمان پتائي پاڻ"
ڀراڙيءَ ۾ دير سان ڪو ايندو ته تپ چڙهي ويندو.
مسلمان لاءِ رمضان پورو مهينو چڱ مهمان آ پر گرمين ۾ ايندو ته!
ڪڏهن گهٽي مهمان نوازي ڪچيءَ ۾ پوندي آ جيئن سنڌين ڪي پئي. (چوته مهمان ڦري مالڪ بڻيا). اهڙن مهمانن لاءِ چئبو آهي ته ڪانءُ اطلاع ڏئي ته ان کي پچائي ڇڏجي.

(10) پٽ ته پٽ آ: فرمان بردار چاهي نافرمان، سگهو چاهي اڳ چايو.
ڪوجهو يا سهڻو، نيڪ يا بد، بيروزگار يا عالم، نشئي يا جواري، زاني يا ظالم.
پٽ آهن ملڪيت، ذات ۽ خاندان جا وارث.
ڪي ڏيئن جهڙا پٽ (شريف) ته ڪي پٽن جهڙيون ڌيئر.
ڌيءَ خدا جي رحمت ۽ پٽ نعمت آهن، مال ۽ پٽ دنيوي حيات جي زينت آهن.

حضرت ابراهيم، حضرت ذڪريا ۽ حضرت سليمان پٽن لاءِ دعا گھري.

پرائي پٽ کان پنھنجي ڌيءَ به ڀلي، ڌيءَ ته پرايو ڌن آ.

ڪڏھن نبين ۽ ولين جا پٽ ڪافر ته ڪڏھن بت تاھيندڙن جا پٽ وڏا موحد.

چوٽي آھي ته سڀ کان مٺو ميوو جيڪو ڪائبو نه آھي سو آھي پٽ.

ڪن خدا جي حڪم تي پٽ قربان ڪيو (حضرت ابراھيم)

ڪن پٽ جي شفا لاءِ پاڻ کي قربان ڪيو (بابر بادشاھه)

ڪي پٽن ھوندي پوٽي کي وليعهد بڻائن (آغا خان) ته ڪي ڏيئن کي (ذوالفقار پٽو، جواھر لعل نھرو).

ماءُ جٽيندي پٽڙا پاڳ نه ڏيندي وند، ماءُ جي نظر پٽ جي پيٽ تي.

~~پرائي پٽ کان پنھنجي ڌيءَ ڀلي.~~

ماءُ جي نظر ۾ سندس لولو لنگڙو پٽ دنيا جو حسين ترين ٻار آھي.

ڪي اڳ جاوا پٽ، ڪي ابي جا پٽ ته ڪي پياري زال مان.

ملڪيت ۾ پٽ جو حصو ڌيءَ کان ٻيڻو پر خدمت وري ڌيءَ ڪري.

گھر خاندان، نسل ۽ ذات جو وارث به پٽ.

ڪن کي پٽ نه بچي ته به انھن کان ماٺو پٽ لاءِ دعائون گھرائن.

الله پاڪ به چيو آھي ته مال ۽ پٽ دنيا جي حياتي جي زينت آھن.

~~حضرت ابراھيم، حضرت سليمان ۽ حضرت ذڪريا به پٽن لاءِ دعا گھري.~~

ڪي آمرن جا پٽيلا بڻجن ڪي سڪيلڌا پٽ ڪي سياڳا ڪي نياڳا.

# باب چوٿون: عادتون ۽ عمل

(1) چوري ته چوري آ: هزار جي هجي چاهي ڪروڙ جي، ڪک جي يا لک جي. ڍور ڍڳن جي يا هيرن جواهرن جي، ادبي چوري هجي يا فلمي.

چوڻي آهي ته "اس دنيا مين سب چور چور" واقعي ڪو دل جو چور، ڪو بجليءَ جو

ڪو ٽئڪس چور، ڪو پاڻيءَ جو، ڪو عبادتن جو ته ڪو علم چور (ڪوڙيون ڊگريون).

چوري ڪجي ته ٺاهوڪي ورنه چوندا ته "ڪتو به ڪاڏو ڪک به نه پري"

ڪي ان چور ته ڪي رن چور، ڪي ڪفن چور ته ڪي جوتا چور. (گھوٽ جا جوتا ساليون چورائن)

ڪي چور سينه زوري به ڪن. ڪي بک کان چوري ڪن ته ڪي شوقيه.

ڪي چور سڱ سوڌو پڪڙجي پون ته ڪي اهڙا سياڻا جو ڪو نشان نه ڇڏين (پلي اسڪاٽ لينڊ يارڊ وارا اچن يا پڙهيل ڪتا).

ڪن جي خيال ۾ ڪتابن ۽ نفلي عبادتن جي چوري جائز آهي.

چور ڪراڙو ٿيندو ته پاٽاريدار بنبو ۽ چور چوريءَ کان ويندو به هيرا ڦيريءَ کان نه ويندو

اڳي چئبو هو ته علم ڪي ڪو چورائي نه ٿو سگهي پر هاڻي چيپيل ريسرچ مان چوري عام جام آهي

سياستدان ۽ وڏيرو زوري ڪندو، ڈانڌلي ڪندو پر چوري نه ڪندو، ٻين کان چوري ڪرائي پوءِ پونگو وٺي موٽرائيندو.

چوري هر مذهب ۾ حرام آهي ۽ اسلام ۾ ته چوريءَ جي سزا آهي هٿ ڪپڻ. ان ڪري چوري ڪرڻ کان بچڻ گهرجي.

(2) ڪوڙ ته ڪوڙ آ: ڪوڙ کي پڪڙڻ، ماپڻ يا پرکڻ لاءِ ڪو اوزار نه آهي ان ڪري گهٽو ڪوڙ يا ٿورو ڪوڙ، وڏو يا ننڍو ڪوڙ ڪيئن چئجي.

رياضي اهو علم آهي جنهن ۾ ڪوڙ جي گنجائش نه آهي.

تواريخ ته ڪوڙ سان ڀريل آهي. ڪن آسماني ڪتابن ۾ به اڌ تي ڪوڙ.

شاعر اديب ۽ گويا به جن پيسا ڏنا تن جي شان ۾ پيا ڪوڙا قصيدا لکندا ۽ ڳائيندا.

جيئن نبوت جا ڪوڙا دعويدار پيدا ٿيا تيئن پيرن جي خليفن به ڪوڙا قصا گهڙي ماڻهن جو ايمان خراب ڪيو.

ڪوڙ کي بار بار دهرائبو ته سچ لڳندو. اڳ ۾ چوٽي هئي ته "ڪوڙ حاجيءَ جو، جهيڙو راڄيءَ جو، ڪاٺڻ ڀاڄيءَ جو "پرهاڻي سياستدان ۽ پروفيسر شايد سيني کان زور آهن.

زال سان جنگ هلندي ۽ صلح ڪرائڻ لاءِ ڪوڙ هڻڻ جائز آهي.

جيڪو قسم کڻا کڻي سو ڪوڙو ۽ هڪ ڪوڙ کي لڪائڻ لاءِ ٻيا سو ڪوڙ ڳالهائڻا پوندا آهن. تنهن ڪري ڪوڙ کي "گناهن جي ماءُ" چئبو آهي.

ڪوڙي جي شاهدي به قبول نه آهي ۽ ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ.

هٽلر جو هڪ وزير گوئبلز ڪوڙن ناهڻ ۽ هڻڻ جو ماهر هيو.

ڪوڙ اهڙي سچ کان ڀلو آهي جنهن سان فساد برپا ٿئي.

هن دنيا ۾ سڀ ڪوڙا آهن. "سچ ته جيل، ڪوڙ ته جهنم".

(3) **سزا ته سزا آهي:** وڏي هجي چاهي ننڍي، پنجن منٽن لاءِ يا پنجن سالن لاءِ، قيد جي يا ڏنڊ جي، پڙهڻ جي يا صفائي ڪرڻ جي، روزا رکڻ جي يا فقيرن کي کارائڻ جي، مرغو بڻجڻ جي يا ڪوڙن کائڻ جي، ڦاسيءَ جي يا ملڪ نيڪاليءَ جي سزا ڏيڻ وارو ڪير به ٿي سگهي ٿو مثلاً استاد، والدين، مرشد، برادري، سردار وڏيرو، حڪومت يا جج.

هر گناهه جي سزا الڳ هوندي آهي، ڪڏهن هٿ ڪاٽبو آهي ته ڪڏهن ڌرا هنيا ويندا آهن.

ڪڏهن سنگ سار ڪيو ويندو آهي ته ڪڏهن منهن ڪارو ڪري گڏهه تي چاڙهي گهمائيندا آهن.

شاديءَ کي به سزا چوندا آهن، جنهن لاءِ گهوٽ کي گهوڙي تي چاڙهي سرڪس ڪيندا آهن (عمر قيد). پر اها سزا مزيدار آهي، جيڪا اڃا ڪنهن کي نه ملي آهي.

ڪڏهن ناڪرده گناهه لاءِ به سزا ملي.

دنيا ۾ سخت سزا آهي "عورت کي هڪ ڏينهن بلڪل خاموش رهڻ جو چوڻ.

مرد لاءِ بد زبان زال ۽ نافرمان اولاد، جوان زال لاءِ ڪراڙو يا ننڍڙو مڙس به سزا آهي.

اديب کي لکڻ کان منع، سياستدان کي جلسي ۾ تقرير کان منع ۽ استاد کي ڪجهه سيکارڻ کان منع "به سزا آهي.

سخت ترين سزا آهي جو شاگردن کي سمورا پيرڊ صرف رياضي سيکارجي.

(4) نشو تہ نشو آ: آفيم جو يا هيروئن جو، شراب جو يا ڀنگ جو، دولت يا، پيار جو، علم جو يا حسن جو، حسن جو، طاقت جو يا ڪرسيءَ جو ۽ جوانيءَ جو.

عشق جو نشو بنان پيتي چڙهندو آهي ۽ لهندو وري دير سان آهي.

چرس آ بي ترس، ڀنگ آ صوفياڻو نشو.

گرم ملڪن ۾ لسي به آرام لاءِ نشي وارو ڪم ڏيندي آهي.

نشي جي حالت ۾ نماز نڪاح، خريد و فروخت ۽ شاهدي به قبول نه آهي.

شراب کي "ام الخبائث" چوندا آهن. جيڪو جواني ۽ دولت کي جلد ختم ڪندو آهي.

شراب سان شباب ۽ ڪباب لازم هوندو آهي. هر مذهب ۾ نشي لاءِ منع ٿيل آهي.

اليڪشن کٽڻ ۽ اقتدار جو نشو سياستدان لاءِ جائز آهي.

فلمي ڪهاڻي ۽ گيت هِٽ ٿيڻ جو نشو اديبن ۽ شاعرن لاءِ ۽ حساب حل ڪرڻ جو نشو رياضيدان لاءِ جائز آهي.

(5) واعدو تہ واعدو آ: زباني يا لکت ۾، الله سان هجي، والدين سان، دوستن سان، مرشد سان يا قوم ۽ وطن سان هجي.

ڏگري وٺڻ وقت، حڪومتي عهدي وقت ۽ نڪاح وقت به واعدا ڪيا آهن.

رام به ته پيءُ جي وچن پاڙڻ لاءِ 14 سال ملڪ نيڪالي قبول ڪئي.

راءِ ڏياچ به ٻيجل کي چئي ويئو ته گهر جيڪو گهرڻو ائي (سِر ڏيڻو پيس).

چوڻي آهي ته "جيڪو زبان جو ڪوڙو سو تخم جو ڪوڙو"

روزي، نماز ۽ حج جي نيت ڪرڻ به ته واعدو آهي.

"المومن اذا وعد وفا" پر سياست دان جا واعدا ڪڏهن پورا ٿيندا ئي نه آهن.

راجپوت ۽ سچو مسلمان واعده خلافي نه ڪندو.

الله پاڪ روحن کان واعدو ورتو هو ته سائس گڏ ڪنهن کي به شريڪ نه ڪندا.

(6) عادت تہ عادت آ: سٺي هجي چاهي خراب، ٻاراڻي يا ميراڻي، چوراڻي يا پيراڻي چوڻي آهي ته "عادت عضوو آهي"، ڪارو ٻڍ اڇي سان تہ رنگ نہ بدلائي پر عادت ضرور بدلائي.

محنت، والدين ۽ استادن جي خدمت، خالق جي عبادت، غريبن پاڙيوارن ۽ يتيمن جي مدد، ورزش ڪرڻ وغيره سٺيون عادتون آهن.

نشو زنا، جوا، پرائو حق کائڻ، رشوت، پنڻ وغيره بريون عادتون آهن.

ننڍي ٻار کي سچ ڳالهائڻ، نماز پڙهڻ، حساب ۽ ڳجهارتون حل ڪرڻ جي عادت وجهڻ گهرجي.

شاگرد ليڊرن کي ڪاپيءَ جي، آفيسرن کي ڪميشن جي، واپارين کي ملاوٽ جي ۽ استادن کي گسائڻ جي عادت آهي.

سياستدان کي ڪوڙن واعدن جي، رياضي دان کي هر ڳالهه ۾ فرض ڪريو چوڻ جي، مريد کي سائين جن هيئن فرمايو آ چوڻ جي، خليفن کي مرشد جي ڪرامتن ٻڌائڻ جي عادت هوندي آهي.

لکڻ، پڙهڻ، سوچڻ، گهٽو ڳالهائڻ ۽ انگريزي ڳالهائڻ به عادتون آهن.

پنڻ، قرض گهرڻ، طنز ڪرڻ، مسخريءَ ۽ شڪار به عجيب عادتون آهن.

**(7) تحفو ته تحفو آ:** زيور هجي چاهي گل، ڪتاب يا چلڙو، هار يا منڊي، گلاب جو گل يا رات جي راڻي، وڳو يا سئنڊل مهانگو يا سستو، غلام يا ٻانهي، دوا يا دعا، آب زم زم يا عطر، ڪک يا ڪشتو.

تحفو پيار ۽ عزت آهي. (سعودي حڪومت پاڪستان کي ڏيڍ ارب ڊالر تحفو ڏنو).

وزيرن، صدر ۽ پارٽي ليڊرن کي تحفي ۾ محل ملندا آهن، بلڊرن کي سرڪاري زمينون ملن.

والدين جو اولاد لاءِ تحفو آهي علم.

شاگرد جو استاد لاءِ تحفو آهي سندس ڪتاب يا ڪالم ڇپرائڻ.

شاعرن کي گندن انڊن جو ۽ سياستدانن کي پادرن جو تحفو به ملندو آهي.

فوجين ۽ آفيسرن کي سنڌ جون زمينون ۽ ڪراچي ۾ پلاٽ ملن.

محمد شاهه رنگيلو ته اڻ وڻندڙ راڳ تي به هيرن جواهرن سان مڙهيل پادر اڇلائيندو هو.

شاعر به محبوب جي ڳل تي ڪارو تر ڏسي سمرقند ۽ بخارا تحفي ۾ ڏيندا هئا.

شادي وقت ڪنوار کي ڏاج، گهوٽ کي سلامي ۽ جنگ ۾ فتح بعد وفادارن کي جاگيرون ۽ غازين کي ٻانهيون به ملن. تحفن سان پيار وڌندو آهي. ڏي گفت ته ملي لفت

**(8) سخي ته سخي آ:** ڪو خيرات ڏيڻ ۾ ته ڪو قرض ڏيڻ ۾، ڪو ديدار

چوڪريون شاديءَ بابت خواب ڏسن (گهوٽ گهوڙي تي نه پر ڪار تي ايندو).
سياستدان اقتدار بابت آفيسر سٺي ڪرسيءَ بابت خواب ڏسن.
خوابن ڏسڻ تي ڪا پابندي نه آهي، بيمار به ڏسي ته پوڙهو به، حسين به ڏسي ته ڪوجهو به، عورت به ڏسي ته مرد به، مسلمان به ڏسي ته هندو به، ڪارو به ڏسي ته گورو به، ”انڌو به ڏسي ته منڊو به“. پاڪستاني به ڏسي ته چيني به، امير به ڏسي ته غريب به، عاشق به ڏسي ته معشوق به، ظالم به ڏسي ته مظلوم به.
لوڊشيڊنگ جي خاتمي، سرڪاري اسپتال ۾ سٺي علاج، سرڪاري اسڪولن ۾ سٺي پڙهائي جا خواب هاڻي ڪو به نه ٿو ڏسي.
انڌو خواب ۾ شهر ڏسي، منڊو ڊوڙي، ٻوڙو ٻڌي. گنجو ڦڻي ڏئي ۽ گونگو ڳائي.
ٻلي خواب ۾ ڇيڇڙا ڏسي، غريب امير بڻجي، نوڪر مالڪ بڻجي، پوڙهو گهوٽ بڻجي.
ڪن جا خواب پورا ٿين ته ڪن جا چڪنا چور ٿين.
ڪن خوابن جي درست تعبير سان قومون تباهي ڪان بچي ويون جيئن مصر جي بادشاهه جي خواب جي حضرت يوسف تعبير ڪري کين تباهي کان بچايو.
ڪن کي خواب ۾ حڪم ملندا آهن مثلاً حضرت ابراهيم کي حڪم مليو ته پٽ قربان ڪر. بابر بادشاهه کي پياري شئي قربان ڪرڻ جو اشارو مليو. ترڪ بادشاهه کي روضهءِ رسول جي بچاءَ لاءِ حڪم مليو وغيره.
ڪونڙيءَ جي ڳامون سچار خواب ڏٺو ته ڪارون ٻاڻيءَ وسيلي هلن ٿيون. نوڪريون ميرٽ تي ملن ٿيون. امتحان ۾ ڪاپي نٿي ٿئي، استاد ڪلاس وٺن ٿا ۽ سمجهائن ٿا. ملڪ ۾ ڪارخانا لڳن ٿا ۽ غير ملڪي قرض نٿا ورتا وڃن.
خواب ڏسڻ، ٻڌائڻ ۽ انهن جي تعبير به هڪ فن آهي.

# باب پنجون: فن

**(1) فن ته فن آ:** پنڻ جو چاهي چندي ۽ ڏن جو چوريءَ جو پتي اڳاڙڻ، جو چاهي ڪاپيءَ جو راند جو بي وقوف بنائڻ جو پجي جان ڇڏائڻ جو.

فن جا قسم:

مڙس تي مقابلو ڪرڻ جو دوا وسيلي علاج (ڊاڪٽر)، دعائن ۽ جادو ذريعي علاج (عامل)، حساب ڏيڻ ۽ وٺڻ جو (رياضيدان)، هر قيمت تي اليڪشن کٽڻ ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ جو (سياست دان)، بي ڏوهيءَ کي قاسي ڏيارڻ ۽ قاتل کي آزاد ڪرائڻ جو (وڪيل).

آڳرين تي نچائڻ، ڪوڙ کي سچ ثابت ڪرڻ، مٽيءَ جو مان موتين ڪان مٿي ڪرڻ، هٿيارن بنان دشمن کان جنگ کٽڻ ۽ سفارتڪاري به فن آهي.

آئين ٽوڙيندڙ کي ملڪ بچائڻ وارو ثابت ڪرڻ، سندس غير آئيني اقتدار کي مضبوط بنائڻ لاءِ نوان نغما گهڙڻ، PCO ۽ ريفرينڊم جو ناٽڪ رچائڻ. دوستن کي ناجائز ورسائڻ ۽ مخالف کي بيجا تنگ ڪرڻ به فن جا نمونا آهن، مسخرا، ناچو ستاره شناس، گويا سب وڏا فنڪار آهن.

سمقالو لکڻ، ڪتاب ۽ ڪالم چپرائڻ به هڪ فن آهي.

مشاعرا لٽڻ ۽ ريسرچ سيمينار تي تاڙيون وڄرائڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي.

ڪامياب فنڪار اهو آهي جنهن وٽ فن ذريعي ڪارهجي، وٺڻ پچڻ، ڪرڻ به فن آهي.

ڪي هر فن مولا ته ڪن وٽ ڪو به فن نه، دفن، ڪفن، خفن، تحفن ۾ لفظ فن آهي.

**(2) ڊگري ته ڊگري آ:** اصلي هجي يا جعلي، مدرسي جي يا ڪنهن پرائيويٽ يونيورسٽيءَ جي، ايم اي جي يا Ph.D جي، ڪامرس ۾ هجي، زراعت ۾، طب ۾ يا انجينئرنگ ۾.

هر قسم جي ڊگريءَ ۾ ڪاپي، سفارش، داٻي ۽ سيلف فنانس يا متائيءَ جو وڏو عمل دخل آهي. چوته جيڪو استاد پڙهائي پيپر به اهو ئاهي ۽ جاچي (اصل جهان خان وارو قصو).

رياضيءَ ۾ Ph.D ڪرڻ واري کي به اوترا ئي فائدا جيترا سنڌي ۽ تواريخ واري کي.

ڪن کي رڳو هڪ ڊگري (First) ته ڪن وٽ ڊگرين جا ڍير آهن.

ڊگريون سڀ ڪاغذ تي لکبيون آهن. انهن جي عزت ۽ قيمت ڊگري هولڊر جي چاڻ ۽ قابليت تي دارومدار رکي ٿي.

ڊگري رڳو تعليم جي نه پر بخار ۽ ڪنڌ ماپڻ واري به ٿيندي آهي.

اديبن، پيرن ۽ شاعرن کي ڪنهن ڊگريءَ جي ضرورت نه آهي.

فن ڪارن ۽ سياست دانن کي ته اعزازي ڊگريون به ملنديون آهن.

سياستدان ته حڪمران بنجي ٻين جي ڊگرين تي صحيون ڪندا آهن.

ڊگري ڏيڻ، وٺڻ، وڪڻڻ ۽ ورهائڻ به هڪ فن آهي.

(3) گريڊ ته گريڊ آ: امتحان جو هجي، تعليم کاتي جو صحت کاتي جو يونيورسٽي ڏئي يا وزير.

جيڪو ٻارن کي پڙهائي سگهي ٿو (دنيا جو ڏکئي يا ڏکيو ڪم) ۽ بيمار انسانن چاهي ڍورن جو علاج ڪري سگهي ٿو (ثواب جو ڪم) اهو خزاني، ڪسٽم يا روينيو کاتي ۾ ساڳئي گريڊ واري ڪرسي سنڀالي بالا عملدارن ۽ وزيرن جا ٻه پلپ آسانيءَ سان پري سگهي ٿو.

چوٽي آهي ته ڇچڙ ڀريائين ڪڪڙ کي ڪاڏو پوءِ چوندو رهيو ته ٻاقي ٻڪري، رڍ، ڳئون ۽ گهوڙو ڪهڙي باغ جي موري آهن!

اڳ ۾ ميرن جي صاحبيءَ يا مغل دربار ۾ به ته صلاحيت سان گڏ حاڪم جي ذاتي پسند ناپسند جو عمل دخل هيو.

هاڻي به مٿين گريڊن ۾ ترقي ۽ ڪاتا بدلائڻ جو پاور چيف منسٽر وٽ آهي.

ڪن شاگردن کي A ,B يا C گريڊ امتحان ۾ ملي ته ڪن آفيسرن کي 17، 18، 19 گريڊ ۾

ملي
اديب، پير، شاعر ۽ عالم گريڊن کان اتم آهن
استاد ۽ رياضي دان گريڊن جا محتاج آهن.
ڪلاهن گريڊ ننڍو پر ڪمائي ۽ پاور وڏيڪ (تپيدار، صوبيدار).
گريڊ ڏيڻ ۽ وٺڻ به هڪ فن آهي.

(4) تجربو تہ تجربو آ: لڙائي جو هجي، چوڪيداري جو، وڏي ليڊر جي زندگيءَ جي ساٿي هجڻ جو يا سندس اولاد هجڻ جو، اڳواڻ جي درباري هجڻ جو يا جيل جي دور ۾ سندس ساٿي، ڪمدار هجڻ جو يا مئنيجر هجڻ جو. اهي سڀ پارس کي ڇهڻ سان ٿي سون بڻجي ويندا آهن.

اسان جي ملڪ ۾ وڪيل ۽ فوجي قانون، صحت، تعليم ۽ خزاني جا محڪما سنڀاليندا آهن ۽ آڱوٺي ڇاپ گورنر وڏين ڊگرين تي صحيحون ڪندا آهن.
پاڪستان ۾ هڪ گورنر کي گهٽين زالن ۽ طلاقن جو تجربو هو.
هڪ وڏي قومپرست ليڊر کي عورتن ڦاسائڻ جو ۽ تقريرون ڪرڻ جو تجربو آهي.
ڪن کي ڌرڻن هڻڻ جو، ڪن کي اليڪشن کٽڻ جو، ڪن کي ڪيس وڙهڻ جو، ڪن کي ڪرپشن لڪائڻ جو تجربو آهي.
شادي، سرداري، پيري ۽ سياست لاءِ تجربي جي گهرج نہ هوندي آهي.
انهن جي ٻارن کي ورثي ۾ وڏي گادي بہ ملندي آهي تہ پارٽيءَ جي چيئرمني بہ (سونو چمچو چمڻ سان سندن وات ۾ هوندو آهي) اصل چمندي چار هوندا آهن.
تجربو چمچاگيري جو، ڪميشن وٺڻ جو ۽ چندي وٺڻ جو هڪ فن آهي.
ڪي تجربي مان سکن تہ ڪي وڃائن.

(5) شهريت تہ شهريت آ: هڪ ملڪ جي هجي يا گهڻن جي، پيدائش جي بنياد تي هجي يا رهائش سبب، تاريخي بنياد تي يا ٻولي، نسل ۽ مذهب جي بنياد تي.
(هڪ مرد هڪ کان وڌيڪ زالون، گهر، عهدا، ملازم ۽ گاڏيون ۽ ذاتيون رکي سگهي ٿو تہ ٻن ملڪن ۾ واپار ۽ رهائش بہ اختيار ڪري سگهي ٿو).

هڪ ملڪ ۾ جيڪڏهن سندس جان، مال، عزت ۽ خاندان کي ڪو خطرو محسوس ٿئي ته دبئي، رياض، لنڊن، پئرس يا ڪئناڊا ۾ رهي ڪري پنهنجي مريدن، ورڪرن ۽ ملازمن تي ڪنٽرول ڪري سگهي ٿو.

هڪ سچ به پاچا وانگر وري جڏهن حالتون ڦيرو کائن ته واپس اچي پنهنجي جنم ڀومي ۾ قابليت جا جوهر ڏيکاري سگهي ٿو.

ڪيس ٻين ملڪن جي شهرين جي مسئلن ۽ انهن کي حل ڪرڻ جو به تجربو يا معلومات هوندي.

عورتن کي جيئڻ ۽ مڙسن جي اجازت نه آهي تيئن انهن جي ٻٽي شهريت تي اعتراض واري سگهجي ٿو.

اديب، شاعر ۽ رياضي دان ٻٽي شهريت وارا گهٽ هوندا پر عالم، صوفي، صنعت ڪار، واپاري ۽ سياست دان ٻٽي شهريت کي پسند ڪندا آهن.

ٻٽي شهريت حاصل ڪرڻ به هڪ فن آهي.

(6) علم ته علم آهي: ديني هجي يا دنيوي، ظاهري ياباطني، بدني يا روحاني، سائنسي يا فلسفي تواريخ جو يا جاگرافيءَ جو، سماجي يا زرعي، حسابي يا لساني، ابجد جو يا ستارن جو.

ڪارو علم، جادو علم جفر حڪمت، دست شناسي، علم غيب به علم جا قسم آهن.

حضرت آدم کي علم الله پاڪ پاڻ سيکاريو.

پکين، جانورن، وڻن، ٻوٽن ۽ واپار جي علم کي هڪ جيتري اهميت حاصل آهي.

"علم انسان جي ٽين اک آهي". مسلمانن کي حڪم آهي ته علم حاصل ڪريو پلي چين وڃڻو پوي.

ڊگريءَ سان گڏ ڄاڻ حاصل ڪرڻ تي زور ڏجي ورنه چوندا "پڙهيو آهي پر ڪڙهيو نه آهي" يا ڇڻ گڏهه مٿان ڪتاب رکيا ويا آهن.

علم هڪ اهڙو خزانو آهي جنهن کي ڪو چورائي نه سگهندو ۽ ورهائڻ سان گهٽندو نه پروڙندو.

علم نبين جي ميراث آهي ۽ عالم نبين جا وارث آهن. حضرت محمد صه فرمايو ته مان علم جو شهر آهيان ۽ حضرت علي عه ان جو دروازو آهي.

ڪمپيوٽر جي ايجاد کان اڳ، فزڪس ۽ رياضي ڏکيا علم ليکبا هئا. فلسفي ۽ ميراث جي علم کان به ڇرڪبو هو.

هندن ۾ علم صرف برهمڻن لاءِ مخصوص هوندو هيو. هاڻي ته ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ ۽ T.V جي ڪري گهر ويٺي ميهار مليو وڃي.

علم حاصل ڪرڻ ۽ ڏيڻ به هڪ فن آهي.

**(7) روزگار ته روزگار آ:** واپار هجي يا نوڪري، ٻني ٻارو هجي يا باغ، ڪارخانا هجن چاهي ٽرانسپورٽ، سياست هجي چاهي سرداري، هنر هجي چاهي ٺڳي، اخبار هجي چاهي T.V چئنل، ناچ گهر هجي يا شراب جو گتو.

رياضي دان جو ٽيوشن سينٽر، ڊاڪٽر جو ميڊيڪل سينٽر، بيوٽي پارلر ۽ شادي هال به ته روزگار جا ذريعا آهن. سمگلنگ به روزگار جو ذريعو بڻايو ويو آهي.

پنڻ جا مختلف قسم به روزگار جا وسيلا آهن مثلاً ڏن اڳاڙڻ، چندو يا ڀتو وٺڻ، منائي يا چانهه پاڻي گهرڻ، رشوت يا ڪميشن وٺڻ.

اڳي پنڻ کي بيڪار چئبو هو پر هاڻي ته اهو سڀ کان آرام ده ۽ عزت وارو ڪاروبار آهي.

سياست، ٺيڪا، نوڪري جا جعلي آرڊر، جعلي دوائون ۽ ڊگريون وڪڻڻ به ته فن آهي.

**(8) بار ته بار آ:** گهٽو يا ٿورو، ڪلو يا مڻ، مٿي تي يا ڪلهن تي، ٻارن جو يا يارن جو، خرچ جو يا قرض جو، لوهه جو يا ڪپهه جو. قوم جو يا وطن جو. "بار ڪٺن ڀاري" ڪونهي ڪم ڪچن جو.

بار زور سان کڻي ته گڏهه، گهٽو کڻي ته اٺ، خوشيءَ سان کڻي ته مڙس، نه کڻي ته شتر مرغ.

دربار، بمبار، جبار، بارداڻو ڪاروبار، زوربار، زيربار، بردبار، باربار، اخبار وغيره ۾ بار لفظ آهي، بار لاهڻ، کڻڻ ۽ رکڻ به هڪ فن آهي.

**(9) حساب ته حساب آهن:** زباني هجن يا لکت ۾، آلجبرا جا هجن يا جاميٽري جا، خريد فروخت جا يا ڏيتي ليتي جا، ماپ تور جا يا ڊيگهه ويڪر جا.

حساب ٻارن کي ڏکيا لڳندا آهن ۽ اهي حسابن جي استاد کان ڊڄندا آهن.

ڪي حساب وات يا فارمولا سان پچن تہ ڪي ڏڪي سان.

ڪي حساب پڇڻ لائق نہ تہ ڪن جون واتون گھٽيون.

حساب واٽي جو زيور آهي.

حساب ڏبا بہ آهن تہ وٺبا بہ، سکبا بہ آهن تہ سيکارياً بہ ڪن سان حساب ڪبو آ تہ ڪن سان نہ (يارن سان کھڙا ليکا).

نمازن، روزن، زڪواة، ڪميشن، چندن، ووٽن ۽ ميمبرن، مال غنيمت، خُمس ۽ عشر، ڪمائي ۽ خرچ جو بہ حساب رکبو آهي.

حسابن جي علم کي "سائنسي علم جي راڻي" چئبو آهي،

انگي حساب وري حسابن جي علم جي راڻي آهي.

ڪن کي رزق بي حساب ملندو آ، ڪن کي وري حساب ڏيندو آهي.

قبر ۽ قيامت ۾ بہ حساب ڏيڻو آ مطلب تہ حسابن مان جان ڇٽڻي نہ آهي.

گوسڙو ماسترن، ڪرپٽ آفيسرن، ڪوڙن پيرن، سردارن ۽ سياستدانن کان حساب هن دنيا ۾ نہ تہ روز محشر ۾ ضرور ڏيندو.

ڪئلڪيوليٽر ۽ ڪمپيوٽر تہ حسابن کي آسان بنائي ڇڏيو آ.

حسابن ۾ جڏو تہ ڏيندس ڦلڙ سک رياضي تہ رب ڏئي راضي.

حساب ڏيڻ، ڏاهڻ، ڪرڻ، وٺڻ ۽ پڇڻ بہ هڪ فن آهي.

(10) ڪتاب تہ ڪتاب آ: پراڻو هجي چاهي نئون، تاريخ جو هجي يا جاگرافيءَ جو، آلجبرا جو هجي يا فلسفي جو، ڪهاڻين جو هجي يا پرولين جو، شعر و شاعري جو يا ٽوٽڪن جو، ٻاراڻو يا تحقيقاتي مقالن جو، درسي يا مددگار.

سنڌيءَ ۾ لکيل هجي چاهي انگريزي ۾، الهامي هجي يا دنيوي، هڪ مصنف جو لکيل هجي يا گھڻن جو هٿ سان لکيل هجي يا ڇپيل.

ڪتاب جي چوري جائز آ، ذاتي هجي يا لائبريري جو (وڪڻڻ لاءِ نہ پر پڙهڻ لاءِ).

ڪتاب انسان جو بهترين دوست آ، قرآن پاڪ کي "ام الڪتاب چئبو آهي ۽ ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي باقي ٻين ڪتابن ۾ ڦيرڦار ٿيندي رهندي آ.

عورت کان عمر نہ پڇجي، مرد کان ڪمائي نہ پڇجي تيئن اديبن کان حساب نہ پڇجن. سياستدانن کي واعدا ياد نہ ڏيارجن ۽ پروفيسرن کان سندن لکيل ڪتاب بابت نہ پڇجي.

مٿان آيا چار ڪتاب پنجون آيو ڏنڊو.

ڪتاب پڙهڻ کان اڳ مصنف بابت ڄاڻ رکڻ ضروري آهي. ڇوتہ لکندڙ جو ملڪ، نسل، مذهب ۽ ڪردار سندس لکڻين تي اثرانداز ٿيندا آهن (ڪن لاءِ بغاوت تہ ڪن لاءِ جنگ آزادي، ڪن لاءِ هيرو تہ ڪن لاءِ ولين).

ڪتاب پڙهڻ سولو آ پر لکڻ ڏکيو آ.

ڪتاب ڏيڻ وارو بيوقوف آهي تہ موٽائڻ وارو وڌو بيوقوف آهي.

هڪڙا ڪتاب ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿين، ڪتاب شاگردن جو زيور آهي.

ڪتاب بہ ملڪيت آهن. ڪتاب پڙهڻ، لکڻ، وڪڻڻ بہ هڪ فن آهي.

# باب ڇهون: دولت بابت

(1) پيسو تہ پيسو آ: ڪن وٽ حلال طريقن سان ڪمايل تہ ڪن وٽ حرام طريقن سان (جوا، رشوت، چوري، ڌاڙا، عصمت فروشي).

ڪن وٽ سڪا تہ ڪن وٽ ڪرنسي، ڪن وٽ ڊالر تہ ڪن وٽ ريال.

ڪن وٽ سون تہ ڪن وٽ جواهر ڪن کي محنت سان ملي تہ ڪن کي وراثت ۾ ملي (پيءُ جي پينشن، زمين، ......).

ڪن وٽ پيسو تمام گهڻو تہ ڪي پائي پائي جا محتاج.

ڪن کي زمين مان پوريل خزانو ملي تہ ڪن کي ڪوئلو يا گئس ملي.

ڪن جا انعامي بانڊ کُلن تہ ڪن جون لاٽريون. ڪن جا ڇڪا لڳن تہ ڪن جا سٽا.

هڪڙن جي نظر ۾ پيسو بري بلا آهي تہ ٻيا پير ڪري پوڄنس. (ڇمنس پير جيان).

"نہ عيسيٰ نہ موسيٰ بڙا پير پيسا" ڪن لاءِ پيسو هٿن جي مر آ.

چوندا آهن تہ "پيسو رنڊي بہ ڪمائيندي آ.

يا موتين جو نوٽن، پادرن يا هڏڙين جو گهوٽ کي پارائجي يا بت يا قبرتي وجهجي.
حاجين کي پارائجي، يا غازين کي. هيروز کي وجهجي يا حڪمرانن کي، چنڊن هار لاءِ ليلا چنيسر وڃايو.

هار استقبال لاءِ به استعمال ٿئي ته الوداع لاءِ به، تحفي ۾ به ملي ته خريد به ڪبو آهي.

عزت لاءِ گلن جو هار ۽ ذلت لاءِ پادرن جو هار پارائبو آهي.

پيار لاءِ ٻانهن جو هار گلي ۾ وجهبو آهي. هار دولت جو قسم آهي.

لوهار، ٻهار، ويهار، مگهار، ميهار، هاري ۽ الله تو هار ۾ لفظ هار آهي.

(3) ڪار تہ ڪار آ: ننڍي هجي چاهي وڏي، نئين يا پراڻي، 800CC جي يا" 1600 جي، ڪرولا، شورليٽ يا بليٽ پروف، سرڪاري هجي يا پنهنجي، سستي يا مهانگي، ملڪي يا غيرملڪي، تحفي ۾ مليل يا رشوت ۾، وارثت ۾ ملي يا قرض کڻي ورتجي (قسطن تي).

پيٽرول گهٽ کائي ته سئو ۽ گئس تي هجي ته بهتر. زيرو ميٽر بهتر آ ريڪنڊيشنڊ کان.

اهڙي ڪار ڪجي جهڙي ٻرڙي ڪئي ٻارن سان بيڪار ڪان بيگار ڀلي.

هٿ ڪم ڪار ۾، دل پنهنجي يار ۾.

ڪن لفظن ۾ ڪار آهي: ڏڪار، پڪار، مڪار، وٺڪار، خرڪار، سِنڌي ڪار، ڪارآمد، سروڪار، شاهوڪار، ڪارائتو، شاهه ڪار، شڪار، فن ڪار، قلم ڪار، کهاڻيڪار، انڪار (ڪارتوس، ڪاريهر، خارخانو ڪاريگر).

(4) زيور تہ زيور آ: اصلي هجي يا نقلي، ڳچيءَ جو يا پيرن جو، ڪنن جو يا هٿن جو، سون جو يا چانديءَ جو، موتين جو يا هيرن جو.

مرد جو زيور آ طاقت، عورت جو آ حيا. استاد جو آ سيکارڻ، ماستر جو آ گسائڻ، محنتي شاگرد جو آ ڪتاب.

ليڊر جو زيور آ خطاب، واڻئي جو آ حساب. ڊگريءَ جو آ نصاب. وڻ جو آ ميوو ۽ چانو پکيءَ جو زيور آ ٻولڻ. مسجد جو آ ٻانگ، مزار جو آ پَڙ، مڪان جو آ ڏنڊو ڪونڊو.

عبادت جو زيور آ دعا، نماز جو آ سجدو، مومن جو آ توحيد.

درياهہ جو زيور آ ٻيڙي، ڍنڍ جو آ مڇي، ڪوهہ جو آ جر، پير جو آ وظيفو، مريد جو آ يقين. ٻانهن جو زيور آ چوڙي، آڱر جو آ منڊي، ڳچيءَ جو زيور آ هار.

زال جو زيور آ ٻار، ٻار جو آ روئڻ، مڙس جو آ ڏاڙهي، يار جو آ وفا.

اديب جو زيور آ ڪالم، سياستدان جو آ واعدا ۽ ڪرپشن، سردار جو آ انصاف، بادشاهہ جو آ رحم.

سپاهيءَ جو زيور آ بندوق، شڪاريءَ جو آ نشانو. ڀنيءَ جو آ فصل، جهنگ جو آ مرون ۽ پکي. نوڪر جو آ فرمانبرداري، وڪيل جو آ دليل.

امير جو زيور آ سخاوت، کيسي جو زيور آ نوٽ.

ميمبر جو آ ووٽ، سوناري جو آ ڪوٽ، نواب جو آ ڪوٽ.

چالاڪ جو زيور آ ڦوٽ وجهڻ. ڪهاڙيءَ جو آ ڳن، ٻنيءَ جو آ ان. پير جو آ ڏن، ڪليسا جو آ نن. ناريءَ جو آ ٽپن، ڪاريگر جو آ فن.

رياضي دان جو زيور آ فارمولا، سائنس دان جو آ تجربو، عالم جو آ تقرير، مفتيءَ جو آ تحرير، مصور جو آ تصوير.

عاقل جو زيور آ تدبير، آفيسر جو آ ڪرسي، حڪيم جو آ ڪشتو، ڪتاب جو آ حوالا.

وڻيءَ جو زيور آ ور، هاريءَ جو آ هر، ميوي جو آ ڳر، ناريءَ جو آ نر، ڍور جو آ ڦر، سيٺ جو آ زر.

ٿر جو زيور آ مور، ڪچي جو آ چور، واپاري جو ٽور، جوڳيءَ جو آ ڦار (ڊارو ۽ نانگ)، ڳائڻ جو آ سر، والدين جو آ نيڪ اولاد.

ڪرڪيٽ جو زيور آ چڪا، جواريءَ جو آ ڀڪا، وائٽي جو آ ٽڪا، ڏاڙيل جو آ ڦر ڪيڙي جو آ ٻر.

(5) ديگ تہ ديگ آ: وڏي هجي يا ننڍي، خالي يا ڀريل، مٽي يا ڇهري، پلاءَ جي يا زردي جي، دال جي يا دنيا جي، 10 ڪلوجي يا مڻ جي، سون جي يا ٽامي جي، نئين يا پراڻي، اجميري يا خيالي، پنهنجي يا پرائي، خيرات لاءِ يا ٻاس ٻاسيل. ديگ بہ دولت آهي. ڪي ديگ پچائن تہ ڪي ورهائن، ڪي زمين مان ڪوٺي ڪڍن تہ ڪي پورين، الله جي ديگ دير سان ٽپندي آهي.

ديگ چاڙهڻ جو مطلب آهي سخاوت ڪرڻ.

ديگ لاءِ چمچو نہ پر ڪپگير کپي.

خيالي پلاءُ پچائڻ لاءِ ديگ نہ کپندي آهي.

جتي خزاني جون ديگون پريل هونديون اتي واسينگ نانگ پهرو ڏيندو.

(6) وقت تہ وقت آ: وقت چئي آئون بادشاهہ.

وقت وڏي مرهم آهي، وقت گذرڻ سان زخم پرجي ويندا آهن.

وقت جو فائدو وٺجي (Hit the Iron when it is Hot)

ٽرين، جهاز، نماز، روزو، حج ۽ آفيس جا وقت مقرر هوندا آهن.

موت جو وقت مقرر آهي پر گراهڪ ۽ مهمان جو نہ.

وقت تمام قيمتي آهي ۽ پچي نہ ايندو آهي. (TIME IS Money)

وقت ماپڻ لاءِ ڪلاڪ، ڏينهن، مهينا ۽ سال آهن.

گذريل وقت ماضي، هلندڙ کي حال ۽ ايندڙ کي مستقبل چئبو آهي.

(Past is History, present is reality, Future is Mystery)

Forget the past, Don't think about future, act in the present.

~~وقت قيمتي آهي (ٽائيم از مني)~~

(7) قرض تہ قرض آ: لک جو هجي يا ڪروڙ جو، سرڪار جو يا وڏيري جو، بئنڪ جو يا پٺاڻ جو، پلاوٽي جو يا دوڪاندار جو، IMF جو يا ورلڊ بئنڪ جو، دوست جو يا مائٽ جو.

قرض آ مرض لاهڻ آ فرض نہ تہ نڪرندو ڏيوالو.

بئنڪن مان قرض کڻڻ، معاف ڪرائڻ ۽ لاهڻ بہ هڪ فن آ.

گڏيل وياج تي کنيل قرض (ڪئش يا سامان) جون قسطون کٽن ئي نہ.

ڏڪار، شادي يا جاءِ ٺهرائڻ وقت مجبوري ۾ قرض کڻبو آ تہ ڪڏهن قبيلائي لڙاين، وقت هٿيارن لاءِ تہ ڪڏهن وڏا ڪارخانا، ڊئم يا پاور پلانٽ هڻڻ لاءِ.

سنڌ ۾ اڳي هندو دوڪاندار مسلمان ڪاتيدارن کي قرض ڏئي پاڻ زميندار ٿي ويا.
خدا شال پناڻن ۽ يهودين جي قرض کان بچائي.
قرض ڏيڻ هڪ دولت آهي.
(8) **سون ته سون آ** ڪارو ته ڪوئلو اڇو ته سٽي، وهنڊڙ ته پيٽرل، پيلو ته زيور ٺهن، نيرو ته نير ڪو خالص ڪو قيمت مليل.
ڪو تيزابي ڪو ڏنگي، ڪو اصلي ڪو نقلي (سونو پاڻي چڙهيل).
پارس پٿر لوهه کي به سون بنائي.
ڪيميا گر ٺامي، پاري ۽ تيزاب مان سون ٺاهي.
ڪن کي دعا لڳي ته جنهن کي هٿ لائن سو سون.
ڪنهن جي مرغي روز سونو انڊو لاهي ته ڪنهن جي مهيني ۾ هڪ دفعو
کهن کي چمڻ سان وات ۾ سونو چمچو ته ڪي سوني تي سهاڳ.
ڪنهن جو شهر سون مياڻي ته ڪنهن جو سون پوريل.
ڪن جا ڪارناما سونهري ته ڪن جا قول.
امرتسر ۾ سکن جي ٺهيل آ گولڊن ٽيمپل، پنجاهه سال پورا ته ملهائجي گولڊن جبلي.
سون چڪاسڻ لاءِ اوزار آ ڪسوٽي. هر چمڪندڙ شيءِ سون نه آهي.
سون نه ڪائبو آ، نه پيئبو آ، پوءِ به ان لاءِ جنگيون لڳن. (سونا زيور ۽ سون جو ڪشتو اهڙو سون ٿي گهوريو جيڪو ڪن چني.
ڪو ڪاٺين مان ڪوٽي ڪڍبو آ، ڪو فصل يعني پنهي مان اپائبو آ، ڪو پائبو ڪو پارائبو آ، ڪو چورائبو آ ڪو قربو آ.
تقرير چاندي وانگر آ پر خاموشي سون وانگر آ. (اولڊ از گولڊ)
(9) **ووٽ ته ووٽ آ:** عورت جو هجي يا مرد جو جوان جو يا پوڙهي جو، جعلي هجي يا سچو، ميمبر جو يا چيئرمين جو، انڌي جو يا منڊي جو، عالم جو يا جاهل جو، امير جو يا غريب جو قاتل جو يا چور جو، ديسي جو يا پرديسي جو، هر هڪ ووٽ کي هڪ جيتري اهميت آهي

جيئن ايم اي انگريزيءَ ۾ يا حساب ۾، سنڌيءَ ۾ يا تواريخ ۾، جيئن مردو قبر ۾ پئي
تئين پچا شروع. ووٽ بئلٽ باڪس ۾ پوندا ته ڳٽپ شروع.
نپو ڪڏهن تير تي ته ڪڏهن ڪتاب تي، ڪڏهن پير تي ڪڏهن ميرتي.
ووٽ تمام قيمتي آهي (دولت) .
ووٽ وجهڻ ڪانپوءِ ووٽر ڪي ڪو ڪنگهي به نه، (ڪم لٺو دڪڙ وسريو).
(10) نوٽ ته نوٽ آ: ريئي جو يا ريال جو، ڊالر جو يا پائونڊ جو.
ڏهن جو يا هزار جو، پراڻو يا نئون، ملهه گهٽ وڌ، جعلي ته سزا، مدي خارج ته ملهه نه.
بئنڪ يا بادشاهه جي گارنٽي سان قيمت ملندي.
نوٽ ڪڏهن اميروٽ، ڪڏهن فقيروٽ. ڪيسي ۾ آ ته ڪيسو گرم.
ڪوٽ ۾ آ ته بيگم جو، بئنڪ ۾ آ ته چيڪ جو محتاج.
ڪڏهن نوٽن جو هار ته ڪڏهن ڳائٽي تي گهورجن.
ڪاغذ مان ٺهيل آ، جنهن ڪي هٿ آيو ان جو. ڪڏهن هڪ بدلي هزار ملن.
نوٽ به دولت جو قسم آهي.

# تــــعارف



ڊاڪٽر نور مصطفيٰ شيخ

سَستو نہ سَمجھ سِٽَ کي!

سائين نور مصطفيٰ شيخ جي اسم گرامي کان تہ اڳ ئي واقف هيس. جو سيد محمود شاھ بخاري صاحب سندن والد محترم مولوي نورالحق جو ذڪر مولانا تاج محمود رحہ تي لکيل پنهنجي پي ايچ ڊي جي مقالي ۾ احترام سان رقم ڪيو هو. ان مقالي جي اشاعت اول اهڙي تہ شاندار هئي، جو ان ۾ انهن سيني هستين جون تصويرون شايع ٿيل هيون، جن جو تذڪرو موجود هو. مولوي نورالحق مغفور لاءِ پڙهيو هيم تہ پاڻ مولانا تاج محمود صاحب جن جي دست مبارڪ تي اسلام قبول ڪري دست بيعت ٿيا ۽ سموري زندگي رشدو هدايت مطابق بسر ڪري وڃي جنت نشين ٿيا. سندن گهر ۾ سن 1942ع مطابق 1360_61ع ۾ نور مصطفيٰ شيخ تولد ٿيو. ان زماني ۾ مولانا نورالحق لاڙڪاڻي ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ ڪوٽ ڀٽي ۾ سڪونت پذير هو.

سائين نور مصطفيٰ صاحب پرائمري تعليم ڪوٽ ڀٽي، مڊل بنگل ديري مان حاصل ڪري، مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان پاس ڪري، انٽر شڪارپور جي سي ايںڊ ايس ڪاليج شڪارپور مان ڪيائين. سن 1964ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پوسٽ گريجوئيشن ڪري رياضي جي شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. سروس دوران انگليںڊ مان ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪري آيو. پنهنجي شعبي ۾ ڊائريڪٽر جي عهدي تي فائز رهيو ۽ بعد ۾ نيچرل سائنس جي ڊين جو منصب بہ سندس حوالي رهيو. پنهنجي قابليت ۽ صلاحيتن سبب ڪامياب استاد ۽ آفيسر جي حيثيت سان اٺتيھ سال فرائض سرانجام ڏئي، رٽائر ٿيو. رياضي جيتوڻيڪ سندس اهم فيلڊ رهي، تنهن هوندي بہ علمي گهراڻي جي فرد هئڻ جي ناتي تصور خيال ۽ اظهار جي پختگي کيس قلم کڻڻ تي مجبور ڪيو. وقت بوقت سماجي مسئلن تي تنقيدي ۽ اصلاحي مضمون لکي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ڪرائيندو رهيو. سندس تحرير ۾ شخصي فطرت، سوچ ۽ لفظي سٽاءُ جي ترتيب ۽ جڙاءَ ۾ جرڪو متوجھ ڪندڙ آهي. اصطلاح، پهاڪا ۽ شعر جون مصرعون عبارت جي رنگيني ۽ جاذبيت ۾ اضافي جو ڪارڻ آهن.

سائين نور مصطفيٰ صحب جي اندر ۾ جيڪي ڪجھ آهي، ان کي پنهنجي جيءَ کان جدا ڪري، پنهنجي حاصلات کي پڙهندڙن سان ونڊي ورهائي، سندن اظهار ۾ اضافي جا جتن ڪيا اهن. سٽ سوچڻ، سِرجَڻ ۽ لکڻ، نور نچوئڻ ڪانسواءِ ممڪن ئي ناهي، شيخ اياز سچ چيو آهي تہ:

سَستو نہ سَمجھ سِٽَ کي، نور نچوئي لڪ  
سِٽَ هڏيءَ جي مِک، ريلا تنهنجي رت جا.

11 جون 2017ع  
پروفيسر انور فگار هڪڙو  
ڄامشورو سنڌ

PANHWAR PRINTERS HYD: 0300-3058057

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٹ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمَ- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)